Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

ABC CERTIFIED

روزاني

پاڪ

ڪراچي

website:www.dailypak.net

TM-Reg:4650078

جلد:27 آچر 02 مارچ 2025ع بمطابق پهرين رمضان المبارڪ 1446ھ قيمت 20 رپيا شمارو: 108

رمضان شروع ٿيڻ شرط عام واهپي جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا

ڪراچي جي ڪمشنر طرفان جاري ڪيل فروٽ ۽ ڀاڄين جي قيمتن واري لسٽ ڪاغذ جو ٽڪرو ثابت ٿي وئي، دڪاندارن پهرين روزي تي ئي ڪاڌي پيتي جي شين جا اگهه وڌائي ڇڏيا

بصر جو سرڪاري ريٽ 63، وڪرو 80 روپيه، ثوم جو ريٽ 610 وڪرو 1200، ڪيلن جو ريٽ 146 وڪرو 250، صوف جو ريٽ 219 وڪرو 350 روپين ۾ ٿي رهيو آهي: شهري

غريب طبقو ته رمضان ۾ فروٽ خريد ڪرڻ جي طاقت وڃائي چڪو آهي، پر مافيا جو ظلم جاري رهيو ته پگهاردار طبقو به فروٽ ۽ ڪاڌي پيتي جي شين کان محروم رهجي ويندو: عوام جي دانهن

اڃان رمضان المبارڪ جو پورو مهينو پيو آهي، انتظاميه پرائس ڪنٽرول کي يقيني بڻائي ته جيئن وچولي طبقي سان گڏوگڏ غريب به پنهنجي گهرڀاتين سان گڏ افطار ۾ فروٽ ۽ ڪاڌو پيتو ڪائي سگهي: مطالبو

ڪراچي: (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي جي ڪمشنر طرفان جاري ڪيل قيمتن جي لسٽ ۾ بصر جي 63 روپيه في ڪلو مقرر ڪئي وئي هئي پر بصر 80 روپيه في ڪلو وڪرو ڪيو پيو وڃي، اهڙي طرح ثوم 610 جي بجاءِ 1200 روپيه في ڪلو ۾ وڪرو ٿي رهي آهي. جڏهن ته فروٽ جي قيمتن ۾ به نمايان فرق نظر اچي رهيو آهي. ڪيلا 146 روپين جي بجاءِ 250 روپيه درجن وڪرو ڪيا پيا وڃن. /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

صوبائي وزير توانائي ۽ صوبائي وزير اطلاعات پاران ٽنڊوڄام تعلقي جي هڪ سئو مستحقن ۾ سولر سسٽم تقسيم

پيپلز پارٽي ڪالا باغ ڊيم منصوبو ختم ڪرايو، ڪئنال ٺاهڻ به نه ڏينداسين: شرجيل ميمڻ

پيپلز پارٽي اين ايف سي ايوارڊ ڏنو ۽ صوبائي خودمختياري کي يقيني بڻائي ڏيکاريو: صوبائي وزير

سنڌ حڪومت 21 لک گهر تعمير ڪري رهي آهي، جن کي مالڪاڻا حقن سان گڏ ڏنو ويندو: ناصر شاهه جو خطاب

ڪراچي / حيدرآباد(نمائندن وٽان) :سنڌ جي توانائي کاتي پاران سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ تحت سولر هوم سسٽم جي تقسيم جي حوالي سان هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي. پهرين مرحلي ۾ ٽنڊوڄام تعلقي حيدرآباد /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

ٽنڊوڄام ۾ سولر سسٽم ورهائڻ واري تقريب دوران شرجيل انعام ميمڻ ۽ ناصر حسين شاهه ڳوٺاڻن ۾ سولر سسٽم ورهائي رهيا آهن

توصيف احمد ۽ ڊاڪٽر عرفان عزيز جي ڪتاب "انساني حقن جو ارتقا ۽ تصورات" جي مهورتي تقريب

ملڪ ۾ رياستي مشينري ۽ عدالتون اميرن جي حق ۾ ڪم ڪن ٿيون: ساڃاهه وند

ملڪ ۾ بنيادي انساني حقن جو علم تمام گهٽ ۽ شعور مڪمل طور غائب آهي: مسرور احمد/ رياض شيخ

ڪتاب ۾ عورتن جي حقن جي جدوجهد جو بيان خاص اهميت جو حامل آهي، منهنجو پسنديده موضوع به آهي: مهناز رحمان

توصيف احمد ۽ عرفان عزيز انتهائي آسان سادي انداز ۾ انساني حقن جو عالمي ڪيس پيش ڪيو آهي: سهيل سانگي، اسد اقبال بٽ ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) دنيا جي تاريخ ۾ انساني حقن بابت ڳالهائڻ هر دور ۾ جوءِ شير آڻڻ جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

سنڌ ۾ قومي پارٽي جا ڪئنالن، ڊيمن ۽ زمينن تي والار خلاف احتجاجي مظاهرا

سجاول ۾ قادر بخش، بنوري ۾ دائود زئور، جهوڪ شريف ۾ مختيار زئور، جاتي ۾ سجاد ميراڻي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

وفاق سنڌ مٿان پنهنجا فيصلا مڙهڻ بند ڪري، سنڌو درياهه جي پاڻي ۽ فطري وجود تي راتاها قبول نه ڪنداسين: نواز خان زئور

ارسا هر سال پاڻيءَ جي ڪوٽ جون دانهون ڪندي آهي، چولستان ڪئنال لاءِ پاڻي جي موجودگي جا سرٽيفڪيٽ ڪيئن جاري ڪيو: خطاب

حيدرآباد/ سجاول/ ميرپوربٺورو/ جهوڪ/ جاتي (نمائندن وٽان) قومي پارٽي پاران ڪئنالن، ڊيمن ۽ زمينن جي والار خلاف مختلف /ڏسو صفحو 3 بقايا 3

گهوڙاٻاري تعلقي ۾ پوليو جو ڪيس ظاهر

ڳوٺ محمد علي چانڊيي واسي نينگر رضوان کي پوليو جي تصديق ٿي

لاڳاپيل اختيارين علائقي ۾ هنگامي بنيادن تي قدم کڻڻ شروع ڪري ڇڏيا

گهوڙاٻاري (شاهه خالد ڏاتاري) تعلقي ۾ پوليو جو هڪ نئون /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

گهوڙا ٻاري: ڳوٺ محمد علي چانڊيي ۾ پوليو ۾ مبتلا معصوم ٻار

مٽياري ۾ ڳوٺاڻن جو بااثرن خلاف قومي شاهراهه تي ڌرڻو

مٽياري (رپورٽ: شهمير ميمڻ) مٽياري ڳوٺاڻن پاران بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج، قومي شاهراهه بلاڪ، پوليس پاران ڳالهين /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

وارهه ۾ چانڊيا برادري جي هلندڙ تڪرار جو مُک ڪردار پيرسن هٿياربندن هٿان

ڳوٺ خير محمد ٻرڙو ۾ ترسيل ڳوٺ مياداد چانڊيو واسي غلام حسين چانڊيو کي هٿياربندن قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع تي حمل ٿاڻي جي پوليس ۽ وارثن پهچي لاش ڪٺائي اسپتال پهچايو، واقعي بعد ڌريون مورچابند ٿي ويون

پيرسن کي پلاند ۾ قتل ڪيو ويو، ٻنهي ڌرين ۾ هلندڙ ڪارنهن تڪرار سبب 5 جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن

ميهڙ (رپورٽ :عظيم جانوري) چانڊيا برادري ۾ خوني تڪرار جو مک ڪردار ميهڙ پرسان ڳوٺ /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

ڊاڪٽر شاهنواز قتل ڪيس: ايف آءِ آر ڪوڙي قرار، ايس ايڇ او خلاف ڪارروائي جو حڪم

ميرپور خاص جي عدالت ڊاڪٽر شاهنواز قتل ڪيس ۾ اهم فيصلو ٻڌائيندي، ايس ايڇ او خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏئي ڇڏيو

جڊيشل مئجسٽريٽ ڊاڪٽر شاهنواز تي پوليس مقابلي ۽ هٿيارن جي برآمدگي بابت داخل ڪيل ايف آءِ آر خارج ڪري ڇڏي

ايف آءِ آر ڪوڙي هئي، اڳوڻي ايس ايڇ او سنڌڙي نياز کوسو خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي: جڊيشل مئجسٽريٽ جو حڪم

ميرپور خاص (رپورٽر) ميرپور خاص جي عدالت /ڏسو صفحو 3 بقايا 7

دادو ۾ غلام مرتضيٰ جتوئي جي آزادي جي خوشي ۾ ريلي، مٺائي تقسيم

دادو (ڊ ر) جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻ غلام مرتضيٰ /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

باقراڻي جي صحافي محمد عالم ٽنيو جو معذور پٽ هفتي کان لاپتا

پٽ محمد سليم ڪاوڙجي گهران نڪري ويو هو: صحافي

گهڻي ڳولا ڪرڻ جي باوجود پٽ جو ڪو پتو ناهي پئجي سگهيو: محمد عالم ٽنيو

باقراڻي (رپورٽر) باقراڻي جي سينيئر صحافي محمد عالم /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

ميهڙ ۾ ايس يو پي پاران سماجي تنظيم خلاف 3 ڪلو پيادل مارچ، ڌرڻو

ڪارڪنن سڪندر سوڍر جي اڳواڻي ۾ اين جي اوز انچارج جو پتلو ڪٽي مظاهرو ڪيو

مها ٻوڏ کي ٻه سال ٿيا آهن، هن مهل تائين متاثرين جا گهر تعمير نه ٿيا آهن: سڪندر سوڍر

ارباب اختيارين کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي متاثرين کي گهر تعمير ڪرائي ڏنا وڃن: مطالبو

ميهڙ (رپورٽ عظيم جانوري) ميهڙ تعلقي ۾ 2022 جي مها ٻوڏ کي 2 سال گذري ويا آهن پر تباهه ٿيل /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

احتجاج
SUP
ٻوڏ متاثرين مرد عورتن کي رلائڻ بند ڪرايو
ترديپ انچارج ميهڙ ۽ ضلع انچارج هٽايو
لسٽن ۾ نالا لکرائڻ عيوض ڪميشن خوري بند ڪرايو
ايجنٽ مافيا مان ٻوڏ متاثرين جي جان ڇڏرايو
پاران ٻوڏ متاثرين ۽ ايس يو پي تعلقه ميهڙ

ميهڙ: ايس يو پي پاران متاثرين جي گهرن جي تعمير نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي.

ايوان صدر حڪومت کان ڪارڪردگي رپورٽ گهري ورتي

صدر 10 مارچ تي پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندو: ايوان صدر

عسڪري قيادت، گورنر، چئني صوبن جا وڏا وزير، اسپيڪرن کي به پڻ دعوت آهي

صدر تقرير ۾ حڪومت جي معاشي قدمن جا نتيجا بيان ڪندو

اسلام آباد (م ڊ) ايوان صدر حڪومت کان هڪ سال جي ڪارڪردگي رپورٽ گهري ورتي. ذريعن موجب، صدر آصف زرداري پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ خطاب کان اڳ حڪومت کان رپورٽ طلب ڪئي آهي. صدر پنهنجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

آمريڪي ڊونلڊ ٽرمپ ۽ يوڪرين صدر ولاديمير زيلنسڪي ۾ ملاقات، سخت جملن جي ڏي وٺ

واشنگٽن (م ڊ) يوڪريني صدر ولاديمير زيلنسڪي /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

عالمي بينڪ پاران پاڪستاني معيشت ۾ استحڪام جو اعتراف، 20 ارب ڊالر قرض ڏيڻ جو اعلان

اسلام آباد:(م ڊ) عالمي بينڪ پاڪستان جي معيشت ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

دارالعلوم حقانيه ۽ مولانا حامد الحق تي حملو منهنجي گهر ۽ مدرسي تي حملو آهي: فضل الرحمان

پشاور (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام (س) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان جميعت علماءِ اسلام (س) جي سربراهه مولانا حامد الحق جي شهادت تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

سکر: شهري دڪان تان کجور خريد ڪري رهيا آهن

سنڌ پوليس جو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ بلوچستان حڪومت سان رابطو

بوٽ بيسن واقعو، جوابدارن جو ٻن ڏينهن وارو جسماني ريمانڊ منظور

مقامي عدالت ۾ پنجن جوابدارن کي پوليس پاران ريمانڊ لاءِ پيش ڪيو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي جي علائقي بوٽ بيسن تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

گورنر سنڌ پاران 10 لک ماڻهن کي افطار ڪرائڻ ۽ ڪٽن ذريعي پلاٽ ڏيڻ جو اعلان

"اتحاد رمضان" تحت ماڻهو رجسٽريشن ڪرائي سگهن ٿا: ڪامران خان ٽيسوري

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

تقريب اجراء
WER
انسانی حقوق کا ارتقاء اور تصور

ڪراچي: ڊاڪٽر توصيف احمد ۽ ڊاڪٽر عرفان عزيز جي ڪتاب جي مهورت ڪئي پئي وڃي

دادو ۾ پيڪا ايڪٽ تحت ٻن ڄڻن خلاف ڪيس داخل

ڪيس ۾ آفتاب جمالي ۽ قادر چانڊيو کي نامزد ڪيو ويو

ٻنهي ڄڻن سوشل ميڊيا تي وڪيل خلاف نازيبا زبان استعمال ڪئي هئي

دادو (ڊ ر) دادو جي سينئر وڪيل خلاف سوشل ميڊيا تي غير اخلاقي نازيبا ٻولي استعمال ڪرڻ تي پيڪا ۽ لائير ويلفيئر اينڊ پروٽيڪشن /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

وفاقي ڪابينا ۾ واڌ عوام جي قٽن تي لوڻ ٻرڪڻ برابر آهي: ڪاشف سعيد

هر پاڪستاني 3 لک 2 هزار رپين جو قرضي آهي، ان باوجود ڪابينا ۾ واڌ انصاف جي ابتڙ آهي

حڪمران مفلوڪ الحال ملڪ ۽ قوم تي ڪجهه رحم ڪن: جماعت اسلامي سنڌ جو امير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ وفاقي ڪابينا ۾ 2 درجن کان وڌيڪ نون ميمبرن جي شموليت ڪي /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

مصطفيٰ عامر ڪيس: پراسيڪيوشن پاران پوليس جاچ تي بي اعتمادي ظاهر

پوليس هن مهل تائين جاچ جي حتمي رپورٽ پيش ناهي ڪئي: پراسيڪيوشن

ڪيس اهم آهي چاهيون ٿا پوليس پنهنجو ڪم ايمانداري سان ڪري: دليل

ڪراچي (رپورٽر) مصطفي عامر قتل ڪيس ۾ پراسيڪيوشن شعبي پوليس جي جاچ تي بي اطميناني ظاهر ڪري ڇڏي، پراسيڪيوشن /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

پ پ ايم پي اي پاران راجپوت پندارا ستسنگ هال جو افتتاح

سنڌ حڪومت هميشه عوام جي فلاح لاءِ ڪم ڪيو آهي: راڻا همير سنگهه

راڻا همير سنگهه ٻن ڏينهن جي ميلي جي انتظامن جو پڻ جائزو ورتو، انتظامن جي تعريف

ميرپورخاص (رپورٽ گل محمد سولنگي) پ پ ايم پي اي /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

GOVERNMENT OF SINDH
SHIV MANDIR UMERKOT
TALUKA & DISTRICT UMERKOT
INAUGURATION CEREMONY
RANA HAMIR SINGH SODHA

ميرپور خاص: راڻا همير سنگهه راجپوت پندارا ستسنگ هال جو افتتاح ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ پيرسن جوڙي جو ڌيءَ سان گڏ 3 ڄڻن جي بازيابي لاءِ احتجاج

سچل ٿاڻي جي پوليس گهر ۾ گهڙي ٻن پٽن ۽ پوٽي کي کنيو آهي: اعتبار علي چانڊيو

گرفتاري ظاهر نه ڪئي پئي وڃي، ڪوڙي مقابلي جو خدشو آهي، انصاف ڪيو وڃي: اپيل

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي يار محمد ڪالوني واسي پيرسن زال مڙس پنهنجي ڌيءَ سان گڏجي پوليس هٿان مبينا ڪنيي گم /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

هنگورجا ۾ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ ريلي

سگا برانچ پاران ايوگرين پبلڪ هاءِ اسڪول کان نيشنل هاءِ وي تائين ريلي ڪڍي وئي

سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ جدوجهد جاري رهندي: عبدالسميع پنهيرو

هنگورجا (ن پاڪ) سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ سگا برانچ هنگورجا پاران ايوگرين پبلڪ هاءِ کان نيشنل هاءِ وي تائين جاڳرتا /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اڄ کان برسات جي اڳڪٿي

قمبر شهدادڪوٽ، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، سکر، گهوٽڪي ۾ ڪڪر وسندا

ڪراچي ۾ سومر کان تيز هوائون هلڻ سان موسم بهتر ٿي سگهي ٿي: موسميات کاتو

ڪراچي: (م ڊ) موسميات کاتي سياڻي رات کان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي. موسميات کاتي موجب مغربي /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

وزيراعظم ويهه ارب رپين جو رمضان رليف پئڪيج جاري ڪري ڇڏيو

هن پيڪيج مان 40 لک خاندانن ۽ 2 ڪروڙ ماڻهن کي فائدو پهچندو: شهباز شريف

40 لک مستحق خاندانن کي ڊجيٽل والٽ ذريعي 5 هزار رپيا ڏنا ويندا، گذريل سال جي ڀيٽ ۾ مهانگائي ۾ نمايان گهٽتائي ٿي آهي

هن ڀيري پيڪيج کي بلڪل آسان بڻايو ويو آهي، جنهن سبب ماڻهن کي ڊگهي قطارن ۾ نه بيهڻو پوندو: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف 20 ارب رپين جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

ڪراچي: صدر آصف علي زرداري ڪاڪا ڪشن چند ايڊواني سان ملاقات ڪري رهيو آهي

صدر آصف علي زرداري پاران ڪاڪا ڪشن چند ايڊواني جي عيادت

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان جي صدر آصف علي زرداري ڪاڪا ڪشن چند ايڊواني جي رهائشگاهه تي سندس خيريت معلوم ڪرڻ پهچي ويو. دوري دوران هن ايڊواني جي جلد صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ فريال ٽالپر ۽ ٻيا معزز اڳواڻ پڻ موجود هئا.

آرمي چيف پاران بهاولپور ڇانوڻي جو دورو، آپريشنل تيارين جو جائزو، بريفنگ

سخت ٽريننگ سپاهي جي پيشوراڻين صلاحيتن جي واڌاري جو بنياد آهي: عاصم منير

جديد جنگي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪ فوج جي هي خاصيت اهم حيثيت رکي ٿي

شاگرد محنت ۽ لڳاءُ سان اڳتي وڌن، پنهنجي مهارتن کي بهتر بڻائين: يونيورسٽي ۾ ڳالهيون

بهاولپور (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير بهاولپور ڇانوڻي جو دورو ڪيو ۽ اُتي جاري آپريشنل تيارين جو جائزو ورتو. جنرل عاصم منير کي بهاولپور ڪور جي آپريشنل تيارين ۽ تربيتي معاملن بابت بريفنگ ڏني وئي، جتي هن فوجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

قومي جونيئر شطرنج چيمپيئن مهڪ مراد علي شاهه کي شطرنج مقابلي ۾ هارائي ڇڏيو

وڏي وزير قومي جونيئر شطرنج چيمپيئن مهڪ کي مقابلي جي دعوت ڏني هئي

مهڪ مقبول زندگي ٽرسٽ جي ايس ايم بي فاطمه جناح اسڪول جي شاگردياڻي آهي

ڪراچي (اسپورٽ نيوز) قومي جونيئر شطرنج چيمپيئن مهڪ مقبول وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي شطرنج جي مقابلي ۾ هارائي ڏيو وڏي /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

ڪراچي: شطرنج ۾ وڏي وزير کي شڪست ڏيندڙ شاگردياڻي مهڪ مقبول جو فائيل فوٽو

اين پي پي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي نارا جيل مان آزاد ٿيڻ بعد قاضي احمد موڙ پهتو شاندار آجيان، ريلي جي صورت ۾ نوان جتوئي روانو

جمهوريت جي ڳالهه ڪندڙ پاڻ جمهوريت تي يقين نٿا رکن: غلام مرتضيٰ جتوئي

محترمه جمهوريت تي يقين رکندي هئي، جيالن سنڌ جا ادارا تباهه ڪري ڇڏيا آهن، سموري سنڌ ته وڪڻي ڇڏي آهي

هاڻي پيپلزپارٽي جو سياسي ميدان ۾ جمي مقابلو ڪبو: اين پي پي اڳواڻ جون صحافين سان ڳالهيون

قاضي احمد (غلام حسين راهو) . گذريل رات دير سان قاضي احمد اڳوڻو وفاقي وزير غلام مرتضيٰ ا /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

مولانا حامدالحق ۽ ٻين شهيدن جي جنازي نماز ادا، هزارين ماڻهن جي شرڪت

دارالعلوم حقانيه اڪوڙه ۾ جنازي نماز پڙهي وئي، سراج الحق، افغاني قونصلر ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبرن جي شرڪت

جناز نماز کان اڳ سيڪيورٽي انتظام سخت ڪيا ويا هئا، ڊي پي او نوشهرا سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو پڻ ورتو

پشاور: (م ڊ) مدرسه جامعه دارالعلوم حقانيه اڪوڙه خٽڪ ۾ جمعي جي نماز کان پوءِ آپگهاتي /ڏسو صفحو 2 بقايا 45

سنڌ ۾ بدامني کي ٻنجو نه آيو، ماٿيلي مان چار هندو ڪٽنب جنم ڀومي ڇڏي ڀارت روانو

سنڌ کي هميشه لاءِ الوداع ڪندي رنجيت ڪمار ڀيشم بجاج سنيل ڪمار ديپڪ گنديال لڙڪ وهايا

وڌندڙ بدامني جي ڪري متاثر ٿي رهيا هئاسين، تنهن ڪري جنم ڀومي ڇڏڻ تي مجبور ٿيا آهيون: رنجيت ڪمار

پنهنجيون ۽ ٻچڙين جون يادگيريون ڇڏي وڃي رهيا آهيون، دعا آهي صوفين جي ڌرتي تي امن بحال ٿئي: ڳالهيون

ميرپور ماٿيلو (رپورٽ: راجيش ڪمار سنڌي) سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني اغواڪاري مان مايوس ٿيندي /ڏسو صفحو 2 بقايا 46

مديجي ڀرسان جتوئي برادري ۾ پراڻو تڪرار ڀڙڪي اٿيو، ٻه ڄڻا رستي ويندي قتل

ڳوٺ ماڇڪ جي وانڊ ۾ هڪ ڌر مخالف ڌر تي هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا

اربيلو ۽ حڪيم جتوئي گولين جو کاڄ، ڪيترائي ڪلاڪ مڙهه واقعي واري هنڌ پيل رهيا

ڌرين ۾ ڇڪتاڻ وڌڻ جو امڪان، ضروري ڪارروائي کان پوءِ مڙهه وارثن حوالي ڪيا ويا

مديجي(رپورٽ: محمد ايوب) مديجي ويجهو ڳاهيجا ٿاڻي جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 47

مدئجي: جتوئي برادري جون عورتون لاش مٿان هنجون هاري رهيون آهن

نوشهروفيروز لڳ منشيات فروش ڏوهن جي دنيا کي الوداع ڪري ڇڏيو

ڳوٺ ڇٽل شاهه واسي نبن شاهه عرف ساگر شاهه پاڪ ڪتاب کڻي ڏوهن جي دنيا ڇڏي

داخل سمورا ڪيس ختم ڪري رليف ڏنو وڃي: ايس ايس پي کان مطالبو

نوشهروفيروز (ڊ ر) ايس ايس پي نوشهروفيروز سنگهار /ڏسو صفحو 2 بقايا 48

رمضان کی برکت سب کی شرکت

وزیراعظم محمد شہباز شریف کیجانب سے مستحقین کیلئے بڑا تحفہ

وزیراعظم رمضان ریلیف پیکج 2025

وزیراعظم کی خصوصی ہدایت پر 20 ارب روپے گزشتہ سال سے 3 گنا زیادہ



40 لاکھ مستحق خاندانوں میں 5,000 روپے فی خاندان

2 کروڑ سے زائد مستحق افراد کی مالی امداد

- انتظار کی زحمت کے بغیر شفاف اور ڈیجیٹل نظام
- امدادی رقم مستحق افراد کے ڈیجیٹل والٹ میں منتقل کی جائے گی
- معلوماتی پیغام بذریعہ SMS صرف 9999 سے وصول ہوگا

رمضان ریلیف پیکج 2025 پاکستان، پنجاب، خیبر پختونخوا، سندھ، بلوچستان بشمول آزاد کشمیر اور گلگت بلتستان کے مستحق افراد کیلئے ہے جو وفاقی و صوبائی حکومتوں کے کسی بھی مالی پروگرام سے مستفید نہیں ہو رہے

وزارتِ اطلاعات و نشریات، حکومتِ پاکستان

/GovtofPakistan www.moib.gov.pk

PID(I) 6000-D/24

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
Daily PAK Karachi
روزاني پاڪ ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي_فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

آچر 02 مارچ 2025ع بمطابق پهرين رمضان المبارڪ 1446هہ



ڀلارو مهينو شروع، مهانگائي جون رڙيون...

ڪراچي جي ڪمشنر طرفان جاري ڪيل فروٽ ۽ ڀاڄين جي قيمتن جي فهرست صرف ڪاغذ جو ٽڪڙو ثابت ٿي، پهرين روزي کان اڳ ئي ڀاڄيون ۽ فروٽ مهانگا ٿي ويا. رپورٽ موجب ڪراچي جي ڪمشنر طرفان جاري ڪيل قيمتن جي لسٽ ۾ بصر جي 63 روپيہ في ڪلو مقرر ڪئي وئي هئي پر بصر 80 روپيہ في ڪلو وڪرو ڪيو پيو وڃي. اهڙي طرح ٿوم 610 جي بجاءِ 1200 روپيہ في ڪلو ۾ وڪرو ٿي رهي آهي. جڏهن تہ فروٽ جي قيمتن ۾ بہ نمايان فرق نظر اچي رهيو آهي. ڪيلا 146 روپين جي بجاءِ 250 روپيہ درجن وڪرو ڪيا پيا وڃن. صوف 219 جي بجاءِ 350 روپيہ في ڪلو، زيتون 138 جي بجاءِ 200 روپيہ في ڪلو وڪرو ڪيو پيو وڃي. مارڪيٽ جون قيمتون ڪمشنر طرفان جاري ڪيل قيمتن جي فهرست کان ڪافي مختلف نظر اچي رهيون آهن. پٽاٽن جي قيمت ڪمشنر جي لسٽ ۾ 92 روپيہ آهي. جڏهن تہ دوڪاندار 70 روپيہ ڪلو وڪرو ڪري رهيا آهن. مرچ 58 روپين جي بجاءِ 100 روپين ۾ وڪرو ڪيا پيا وڃن. اهڙي طرح ساون ڌاڻن جي ويڙهي 5 روپين جي بجاءِ 30 روپين ۾ ملي رهي آهي. ڦودنو 6 روپين جي بجاءِ 15 روپيہ في ويڙهي ملي رهي آهي. فروٽ جي ڳالهہ ڪئي وڃي تہ ڪيلا 146 روپين جي بجاءِ 250 روپيہ في درجن. صوف 219 جي بجاءِ 350 روپيہ في ڪلو. زيتون 138 جي بجاءِ 200 روپيہ في ڪلو موسمي 161 جي بجاءِ 300 روپيہ في ڪلو. اسٽرابيري 161 جي بجاءِ 450 روپيہ في ڪلو وڪرو ۾ وڪرو ڪيو پيو وڃي. ياد رهي تہ ڪمشنر ڪراچي طرفان هڪ ڏينهن اڳ رمضان المبارڪ جي مهيني لاءِ عام واهپي جي شين جي قيمتن جي فهرست جاري ڪئي وئي هئي ۽ انتظاميہ کي هدايت ڪئي وئي هئي تہ اهي پرائس لسٽ تي عمل ڪرائين. پر ڪراچي ۾ پهرين روزي کان اڳ ئي ڀاڄين ۽ فروٽ جي قيمتن ۾ اوچتو اضافو ٿي ويو آهي. شهرين جو چوڻ آهي تہ پگهاردار طبقو رمضان المبارڪ ۾ فروٽ خريد ڪرڻ جي طاقت هوندي ئي وڃائي چڪو آهي. اهڙي ۾ مافيا طرفان فروٽ جون قيمتون وڌائڻ اسان کي افطار ۾ ڪنهن هڪ فروٽ کان بہ محروم ڪرڻ جو سبب بڻجي ويندو. انتظاميہ پرائس ڪنٽرول کي يقيني بنائي تہ جيئن وچولو طبقو بہ پنهنجي گهرڀاتين سان گڏ افطار ۾ ڪو هڪ فروٽ تہ کائي سگهي. ٻئي پاسي رمضان مهيني جي اچڻ سان گڏ کجي جي طلب ۾ اضافو. کجي جي وڪرو ڪندڙن قيمتون ٻيڻو ڪري ڇڏيون. کجي جي قيمتن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ قدمن جي ضرورت آهي. شهري حلقن جو اظهار تفصيل موجب رمضان المبارڪ جي ويجهو اچڻ سان گڏ ڪارڪ جي کجي جي طلب ۾ اضافو ٿي ويندو آهي. رمضان مهيني جي ڏينهن ۾ کجي جي طلب ۾ اضافو ٿيڻ سان گڏ کجي جي وڪرو ڪندڙن کجي جي قيمتون بہ وڌائي ڇڏيون آهن. کجي قدرت جو اهڙو تحفو آهي جنهن کي روزانو افطار وقت دسترخوان جي زينت بڻائڻ چاهي ٿو. رمضان جي ويجهو اچڻ سان ئي ملڪ جي ٻين شهرن وانگر سکر ۾ بہ هول سيل مارڪيٽن ۾ ڪارڪن جي وڪري جي شروعات ٿي چڪي آهي. روزاني جي وڌندڙ قيمتن کي نظر ۾ نہ رکندي سنت نبوي کي کجي جي جوش سان زنده رکڻ لاءِ ڪارڪن جو استعمال ڪندا آهن. سکر چوڻ آهي تہ جيڪڏهن افطار کان پوءِ روزانو کجي جو جذبو نہ هجي تہ دسترخوان تي کجي جو مزو ختم رمضان ۾ ٻين شين ۽ مشروبات سان گڏ کجور جي قيمتن کي ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ حڪومت کي خاص قدم کڻڻ جي ضرورت آهي، تہ جيئن روزي وارا ان تحفي کي افطار جي وقت دسترخوان جي زينت بڻائي سگهن.

جنگ بندي معاهدو ۽ غزه جي بحالي

اعجاز ممنائي

15 مهينن جي سخت ويڙهہ کانپوءِ حماس ۽ اسرائيل وچ ۾ 19 جنوري 2025 تي جنگبنديءَ جو معاهدو ٿيو هن هٿياربند معاهدي ۾ پهريون قدم جنگ جي خاتمي ۽ قيدين جي بدلي هئي. ان معاهدي موجب اسرائيل اٽڪل ٻہ هزار فلسطيني قيدين ۽ فلسطيني ٽيٽيهہ قيدين کي آزاد ڪرڻ جو پابند هو قيدين جي متاستا تي رهي هئي ۽ جنگ بندي جو ٻيهرون مرحلو مڪمل ٿيڻ وارو هو جڏهن اسرائيل 600 قيدين کي آزاد ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيو تہ حماس اسرائيل طرفان آزاد ڪيل قيدين جي توهين ڪري رهي آهي. حماس جا ميمبر عوامي تقريب ذريعي قيدين کي آزاد ڪندا هئا. جڏهن تہ حماس ڇهن قيدين کي آزاد ڪيو آهي. ان جي بدلي ۾ اسرائيل فلسطيني قيدين جي آزاديءَ ۾ دير ڪئي آهي. فلسطيني مزاحمتي گروپ ان قدم کي معاهدي جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو آهي. حماس هڪ شهري بياس، سندس ٻن جوان پٽن ۽ هڪ بزرگ جا لاش اسرائيل جي حوالي ڪيا. پر اسرائيل الزام هنيو تہ اهي بياس جا نہ هئا ۽ ان کي خلاف ورزي قرار ڏيندي سخت ڌمڪيون ڏنيون. حماس بعد ۾ هڪ لاش جا باقيات حوالي ڪيا. جنهن جي اسرائيل تصديق ڪئي تہ اهو بيبس هو. اسرائيل دعويٰ ڪري ٿو تہ حماس پاران اسرائيلي قيدين جي توهين ڪئي پئي وڃي اها حقيقت نہ پر هڪ عذر هئي. چاڪاڻ تہ ان قسم جو الزام آخري مرحلي ۾ لڳايو ويو هو بهرحال. هاڻي هڪ ڊيل تي اتفاق ڪيو ويو آهي تہ قيدين کي هاڻي ڪنهن بہ سرڪاري تقريب کان سواءِ مصري اختيارين جي حوالي ڪيو ويندو. جيڪڏهن ان ڇڪتاڻ خوف پيدا ڪيو تہ ڊيل منسوخ ٿي سگهي ٿي. چوتہ ڇڪتاڻ کان اڳ اسرائيلي ۽ حماس اهلڪارن اعلان ڪيو هو تہ ٻيهرون مرحلو پڇاڻي تي پهتو آهي. اهڙي طرح، اميد هئي تہ هي جنگبندي عارضي نہ هوندي. هاڻي، جڏهن ڇڪتاڻ پيدا ٿي تہ جنگ جو امڪان ٻيهر وڌي ويو جيتوڻيڪ جنگ خاتمي طرف وڃي رهي هئي ۽ غزه جي بحالي ايتري آسان نہ هوندي. غزه جي 90 سيڪڙو آبادي بي گهر ٿي چڪي آهي. هن وقت بہ ڪيترائي فلسطيني پنهنجن گهرن جي ملبي اڳيان خيمن ۾ رهن ٿا. اهي نہ رڳو گهرن جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن پر ٻين ڪيترن ئي مسئلن کي پڻ منهن ڏئي رهيا آهن. موسمي حالتون غزه جي رهواسين جي مشڪلاتن ۾ بہ اضافو ڪري رهيون آهن. ڏاڍي سرد موسم آهي ۽ ڪي بہ سهولتون نہ آهن. اسرائيل غزه جي رهواسين کي ضروري خدمتن جي فراهمي کي روڪي رهيو آهي. اسرائيل جي وحشانہ عملن جي مذمت ٿيڻ گهرجي ۽ ان تي عالمي دٻاءُ وجهڻ گهرجي تہ هو اهڙيون ڪارروايون نہ ڪن جنهن سان انساني زندگين کي خطرو هجي. غزه ۾ هنگامي شيون جهڙوڪ پناهہ گاهہ، حرارتي سهولتون ۽ فوري طبي سامان بنيادن تي گهربل آهن. اقوام متحده سميت اسلامي ملڪن کي فوري طور تي سمورن سهولتون خاص ڪري بنيادي ضرورتون جلد کان جلد پهچائڻ گهرجن. هن وقت ٿڌ سبب 6 ٻارڙا پڻ فوت ٿي ويا آهن ۽ حماس اسرائيل تي الزام لڳايو آهي تہ هو فلسطينين کي مرڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي. سندن سمورن سهولتون بند ڪيون ويون آهن. غزه جي تقريبن سموري انفراسٽرڪچر کي ملبي جي ڍير ۾ تبديل ڪيو ويو آهي ۽ اسپتالون پڻ تباهہ ٿي ويون آهن. بجلي ۽ پاڻي جا بہ مسئلا آهن. طبي سامان ۽ دوائن جي بہ ڪوٽ آهي. جيڪڏهن اسپتال ۾ سهولتون موجود هجن ها تہ ڇهہ ٻار مري نہ وڃن ها. صحت جو نظام فوري طور بحال ڪيو وڃي. هن وقت، بحالي ۾ مشڪلاتون آهن ۽ ٻيهر جنگ جو خوف آهي. فلسطينين جي بحاليءَ لاءِ بہ گهڻو وقت گهربل هوندو. اهو علائقو جيڪو اسرائيل قبضو ڪيو آهي اهو واپس نہ ٿو ڏئي سگهجي. فلسطينين کي بہ زراعت ۽ باغباني لاءِ زمين جي ضرورت پوندي. جنگ جي ڪري ڪيترائي علائقا پوک جي قابل نہ هوندا ۽ ان علائقي کي پوک جي قابل بڻائڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو.

انهن مشڪلاتن ۾ ٻيهر جنگ شروع ڪرڻ بہ خطرناڪ هوندو. اسرائيل ڪنهن بہ عذر تحت جنگبندي جو معاهدو ختم ڪري سگهي ٿو ان ڳالهہ کي رد نٿو ڪري سگهجي تہ اسرائيل بغير ڪنهن بهاني معاهدي کي ختم ڪري ڇڏي. ٻيو وڏو مسئلو انتظامي معاملن جو غير جانبدار انتظام آهي. حماس سيڪيورٽي ۽ ٻيا معاملا سنڀالي ورتا آهن. پر اسرائيل حماس کي حڪومت يا ٻيا معاملا نہ سنڀالڻ تي اعتراض ڪري ٿو. اسرائيل دعويٰ ڪري ٿو تہ حماس هڪ دهشتگرد تنظيم آهي ۽ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهيو آهي. اسرائيل حماس جي ڪردار کي ختم ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندو يا گهٽ ۾ گهٽ ايترو محدود ڪيو ويندو تہ جيئن اسرائيل لاءِ خطرو پيدا نہ ٿئي. حماس عوام جي وچ ۾ مضبوطي سان جڙيل آهي ۽ مقبول حمايت سان مضبوط آهي. اسرائيل هاڻي بہ جنگ شروع ڪري سگهي ٿو تہ حماس اقتدار ۾ آهي. ثالث جنگبندي معاهدي کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. غزه ۽ وچ اوڀر ۾ امن جي ضمانت ڏيندو. اسرائيل گريٽر اسرائيل طرف وڌڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ اسرائيل جو اهو عمل خطي کي نقصان پهچائيندو. غزه_اسرائيل جنگبندي معاهدي کي مڪمل ٿيڻ گهرجي تہ جيئن امن لاءِ رستو هموار ڪيو وڃي. عالمي برادري چڱي ريت ڄاڻي ٿي تہ وچ اوڀر ۾ اسرائيل جي هڪ هٿي عالمي بدامني کي جنم ڏئي سگهي ٿي. اسرائيل کي ان ڳالهہ کي يقيني بڻائڻ گهرجي تہ کاڌو ۽ ٻيون ضروري شيون فلسطينين تائين بغير ڪنهن رڪاوٽ جي پهچي وڃن تہ جيئن وڌيڪ تباهي کان بچڻ لاءِ جنگ بندي معاهدي جي ٻين مرحلن تي بہ ڪم شروع ڪيو وڃي. غزه_اسرائيل جنگبندي معاهدي لاءِ ضروري آهي تہ ٻئي تحمل جو مظاهرو ڪن حماس ان کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو تہ اسرائيل ڪيترو پرامن آهي؟ معاهدي جي معمولي ڀڃڪڙي کي برداشت ڪيو وڃي غزه جي بحاليءَ لاءِ اسان کي صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺڻو پوندو ۽ ٻين ڪمن کي انجام ڏيڻ لاءِ رهائشي عمارتون، اسڪول، اسپتالون ۽ آفيسون ٺاهڻيون پونديون. انهن اڏاوتن تي تمام وڏو سرمايو خرچ ڪيو ويندو. تعليمي نظام تي خاص ڌيان جو مستحق هوندو چو تہ تعليم يافتہ ٻار فلسطين کي ڪامياب بڻائيندا ان لاءِ صلاح مشورو پڻ ضروري آهي چو تہ جنگ انهن جي اعصاب کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. اهو بہ هر ڪنهن کي معلوم آهي تہ غزه معاملي کي ڪامياب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اسرائيل تي بين الاقوامي دٻاءُ شايد ان کي جنگ بندي معاهدي کي مڪمل ڪرڻ کان روڪي سگهي ٿو.

پ پ جا پنجاب، سنڌ بابت خدشا ۽ وفاق

حبيب ٿلاٽي

ملڪ ۾ 2024 ۾ ٿيل عام چونڊن ۾ ڪنهن بہ هڪ سياسي پارٽي کي حڪومت ٺاهڻ لاءِ گهربل اڪثريت نہ هجڻ جي ڪري وفاق ۾ اتحادي حڪومت ٺاهي شهبازشريف کي ملڪ جو وزيراعظم بڻايو ويو ان وفاقي حڪومت جي جوڙجڪ ۾ پردي پٺيان اهم ڪردار ملڪي اسٽيبلشمنٽ ادا ڪيو پ پ ايم ڪيو ايم ق ليگ جهانگير ترين جي ناهيل نين پارٽي بلوچستان جي بي اي پي سميت مختلف سياسي پارٽين کي اسٽيبلشمنٽ هڪ هنڌ آڻي وفاقي حڪومت ٺهرائي. شهبازشريف کي وزيراعظم بڻائڻ ۾ سيني اتحادي پارٽين مان پيپلزپارٽي وڏي اتحادي جماعت هئي ۽ آهي توڙي جو پيپلزپارٽي شهبازشريف جي ٺهندڙ حڪومت جي حمايت تہ ڪئي پر ان هوندي بہ پيپلزپارٽي وفاقي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ کان صاف انڪار ڪيو جڏهن تہ ٻين سياسي پارٽين وفاق ۾ وزارتون ورتيون وفاقي حڪومت ۾ شامل ٿي ويون توڙي جو پيپلزپارٽي وفاقي حڪومت ۾ شامل نہ ٿي پر پوءِ بہ پيپلزپارٽي قيادت نوازليگ سان پنجاب ۾ پاور شيئرنگ بابت ماملا ضرور طي ڪيا پر هڪ سال جو عرصو گذرڻ باوجود نوازليگ پيپلزپارٽي سان پنجاب صوبي ۾ پاور شيئرنگ بابت ٿيل معاملي تي هن وقت تائين عمل ناهي ڪيو توڙي جو بلاول ڀٽو سميت پيپلزپارٽي جي ٽاپ قيادت شڪايت بار بار ڪندي رهي تہ پنجاب ۾ نوازليگ پاور شيئرنگ بابت طي ٿيل ڳالهين تي عمل نہ ٿي ڪري پر نوازليگ پيپلزپارٽي جي شڪايتن تي ڪو خاص ڌيان ڏيڻ کان قاصر رهي حالانڪ مختلف وقتن تي نوازليگ واران پيپلز پارٽي سان پنجاب اندر پاورشيئرنگ بابت ڪاميٽيون بہ جوڙيون تہ جيئن پنجاب ۾ پ پ جي خدشن تي غور ويچار ڪري ماملا حل ڪيا وڃن پر سڀ شيون ڳالهين ڪاميٽين جي حد تائين محدود رهجي ويون ڳالهہ نہ صرف پنجاب ۾ پيپلزپارٽي کي پاور شيئرنگ ۾ حصو ڪونہ ٿو ڏنو وڃي پر بلاول ڀٽو ڪيترائي ڀيرا اعتراض ڪيو تہ وفاقي حڪومت کي سپوٽ ڪرڻ باوجود وفاقي حڪومت اهم ملڪي قومي فيصلن ۾ پيپلزپارٽي کي اعتماد ۾ نہ ٿي وٺي هڪڙي پاسي پ پ قيادت بار بار شڪايت ڪندي رهي ۽ ڪري رهي آهي تہ ٻي پاسي شهبازشريف جي وفاقي حڪومت آهي جنهن جي ڪن تي جون بہ ڪا نہ ٿي چري ڳالهہ صرف اها ناهي تہ نوازليگ پنجاب صوبي ۾ پ پ سان پاورشيئرنگ لاءِ تيار ناهي پر پيپلزپارٽي کي ان ڳالهہ تي بہ خدشا آهن تہ اهم قومي مامرن تي پيپلزپارٽي کي اعتماد ۾ نہ ٿو ورتو وڃي سڀ کان اهم ڳالهہ اها بہ تہ پاڻي جهڙي اهم قومي مامرن ۾ بہ خاص ڪري سنڌو درياهہ تي نين واهن جي اڏاوت جهڙي اهم ۽ سڌي طرح سان سنڌ صوبي سان جڙيل مامري تي بہ پيپلزپارٽي کي اعتماد ۾ وٺڻ ضروري نہ سمجهيو ويو ۽ پنجاب ۾ نوان واهہ ٺاهڻ شروع ڪيا ويا آهن جنهن سبب نہ صرف سڄي سنڌ احتجاج پي ڪري پر سنڌ حڪومت پڻ وفاق وٽ بار بار احتجاج ريڪارڊ ڪندي رهي آهي وزيراعلي سنڌ توڙي صوبائي وزير ۽ پيپلزپارٽي جي اعلي قيادت پنجاب ۾ سنڌو تي ٺهندڙ واهن جي سخت مخالفت ڪري رهي آهي پر وفاقي حڪومت ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهين سنڌ ۾ مختلف تنظيمن پاران پاڻي مامري تي ٿيندڙ احتجاجن تي تہ وفاقي حڪومت ڌيان نہ ٿي ڏي ان جي مرضي پر وفاق پاڻي جهڙي اهم مامري تي سنڌ حڪومت ۽ پ پ جي اعلي قيادت جي سخت مخالفت کي بہ نظرانداز ڪندي پي اچي وفاقي حڪومت جو اهڙو عمل جمهوري روايتن جي بلڪل ابتڙ آهي هڪ وڏي سياسي پارٽي جنهن جي سهاري وفاقي حڪومت بيٺي آهي ان پيپلزپارٽي کي اهم قومي اشوز تي وفاقي حڪومت پاران نظرانداز ڪرڻ مان وفاقي حڪومت جي نااهلي ظاهر ٿي رهي آهي جنهن جا مستقبل ۾ اتحادي حڪومت مٿان ناڪاري اثر پوندا ان سڄي مامري پٺيان يعني پيپلزپارٽي کي نظرانداز ڪرڻ نوازليگ قيادت جي ان سوچ کي ظاهر ڪري ٿي تہ هنن جي وفاقي حڪومت پيپلزپارٽي جي ڪري نہ بلڪ اسٽيبلشمنٽ جي سهاري بيٺي آهي نوازليگ جي اها سوچ ڪنهن بہ ريت جمهوري سوچ ناهي ها ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ وفاقي حڪومت ٺاهڻ ۾ اسٽيبلشمنٽ اهم ڪردار ادا ڪيو پر سياسي تنظيمن جي بہ اها ذميواري ٿي ٿي تہ هڪ ٻي سان ڪيل واعدن تي عمل ڪيو وڃي پر نوازليگ اسٽيبلشمنٽ جي ڪلهن تي ويهي سڀ ڪجهہ وساري ويٺي آهي نہ هن کي اتحادين جي ڪا ڳڻتي آهي نہ ٻين صوبن ۾ ٿيندڙ احتجاجن جي ڪا ڳڻتي آهي بس اقتدار جي پويان آهن هن سڄي صورتحال ۾ سوال هو ٿو پيدا ٿئي تہ آخر ٿيندو ڇا؟ هڪڙي پاسي سنڌ حڪومت جي مخالفت باوجود پاڻي جهڙي اهم مامري تي وفاق سنڌ صوبي کي نظرانداز ڪري رهي آهي ٻي پاسي پنجاب ۾ پيپلزپارٽي وارا شڪايتون ڪري رهيا آهن تہ پنجاب ۾ پيپلزپارٽي کي ترقياتي فنڊن ۽ پاورشيئرنگ تي نظرانداز ڪيو پيو وڃي پيپلزپارٽي جي چونڊيل نمائندن جو چوڻ آهي تہ انهن جي تڪن ۾ ترقياتي فنڊ جاري نہ پيا ٿين ڪجهہ ڏينهن اڳ صدر آصف علي زرداري لاهور ۾ پيپلزپارٽي پنجاب جي چونڊيل نمائندن ۽ اڳوائن سان ملاقاتون ڪيون تہ پ پ وارن پنجاب حڪومت خلاف سخت شڪايتون ڪيون تہ پ پ کي پنجاب ۾ مڪمل نظرانداز ڪيل پيو وڃي صدر آصف علي زرداري پ پ پنجاب جي اڳوائن کي ايندڙ بجيٽ تائين صبر ڪرڻ جو چيو جنهن مان اها ڳالهہ ظاهر ٿي رهي آهي تہ صدر آصف علي زرداري هاڻ پاڻ نوازليگ قيادت سان سڌي ريت رابطو ڪندو يا وري اسٽيبلشمنٽ سان رابطو ڪري پيپلزپارٽي جا مسئلا حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو جي ائين بہ مسئلا حل نہ ٿيا تہ پوءِ ممڪن آهي پيپلزپارٽي بجيٽ پاس ڪرائڻ ۾ حڪومت جي مدد ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري جيئن پنجاب بابت پ پ جا خدشا ختم ڪيا وڃن جنهن سان وفاقي سرڪار لاءِ مسئلا پيدا ٿيندا اهڙي صورتحال ۾ نوازليگ لاءِ پنجاب ۾ پيپلزپارٽي سان پاورشيئرنگ بابت ٿيل معاهدي تي عمل ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ هوندو اهڙي صورتحال ۾ اسٽيبلشمنٽ لاءِ پڻ مشڪلاتون پيدا ٿينديون پر پيپلزپارٽي کي پنجاب ۾ نوازليگ کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڏيڻو پوندو جيڪا پيپلزپارٽي جي حق آهي 2008 وارين عام چونڊن بعد جڏهن پيپلزپارٽي کي مرڪز حڪومت ٺاهڻ لاءِ ق ليگ جي ووٽن جي ضرورت پي تہ پيپلزپارٽي سخت لک اختلافن باوجود ق ليگ جي حمايت عيوض چودري پرويز الاهي کي نائب وزيراعظم بڻايو هو ۽ سنڌ ۾ ق ليگ وٽ هڪ بہ سيٽ نہ هجڻ باوجود سنڌ ۾ ق ليگ جي حليم عادل شيخ کي صوبائي صلاحڪار بڻايو ويو صرف ان جي ڪري تہ آصف زرداري چودري شجاعت سان وعدو ڪيو هو تہ سنڌ ۾ ق ليگ کي ڪجهہ ڏنو ويندو اها هوندي آهي زبان ۽ جمهوريت پر نوازليگ وارا آهن جو وفاق ۾ حڪومت ٺاهڻ لاءِ پ پ جي هيڏي ساري حمايت هر مشڪل ۾ پ پ جي هنن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيلي رهندي پر وري واعدا خلافي بہ پ پ وارن سان نوازليگ قيادت عمران خان مان سبق سکڻ گهرجي جنهن کي جڏهن اسٽيبلشمنٽ مٿانهو گڏ ڪري چونڊون کٽرائي وزيراعظم بڻايو تہ همراهہ پاڻ کي بادشاهہ سمجهڻ لڳو ۽ پنهنجي اتحادين کي ڪجهہ سمجهندو سي نہ هو بس اسٽيبلشمنٽ جي پويان هو پر آخر ۾ ان ئي اسٽيبلشمنٽ هن جي حڪومت جي تڏا ويڙهہ ڪري ۽ اڄ تائين اهو لوڙي پيو ساڳي غلطي نوازليگ قيادت ۽ شهبازشريف ڪري پيو هو سمجهي پيو تہ اسٽيبلشمنٽ جي ڪري هن جي حڪومت قائم آهي پ پ اسٽيبلشمنٽ کان پري نہ ويندي پر اها شهباز شريف جي ڀل آهي جي اها سوچ هن نہ بدلي تہ شهباز حڪومت جو حشر بہ عمران خان واري حڪومت جهڙو ٿيڻو آهي ان ڪري تہ اسٽيبلشمنٽ جي جولس هميشا هڪ هنڌ ناهي بيهندي ان ڪري نوازليگ اسٽيبلشمنٽ مٿان ڀاڙڻ بدران سياسي اتحادي ترين سان لاڳاپا بهتر ڪري انهن کي پاڻ سان گڏ کڻي هلي ٻي صورت ۾ بجيٽ کان اڳ پ پ پنجاب ۾ پاور شيئرنگ واري مامري تي وفاقي حڪومت کي سرپرايز ڏيئي پريشان ڪري سگهي ٿي.

بقايا 01

ڪئنالن ناهڻ ۽ سنڌ جي زمينن جي والار خلاف قادر بخش زئور ۽ وقار ميرائي جي اڳوائي ۾ سڄاول ۾ نيشنل بئنڪ چوڪ کان ريلي ڪڍي پبلڪ پارڪ اڳيان مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري ۾ شرڪت ڪندڙن پاران ڪئنالن، ڊيمن ۽ گرين انيشيٽو جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن تي قبضي خلاف نعريبازي پڻ ڪئي وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي قادر بخش زئور، وقار ميرائي، سوڍل سنڌي ۽ ٻين چيو تہ سنڌ جي زمينن ۽ درياهہ تي قبضو ڪرڻ نہ ڏينداسين. وفاق جي انهن ارادن کي ناڪام بڻايو ويندو. سنڌ جي عوام احتجاجن ذريعي ڪئنالن کي رد ڪري ڇڏيو آهي پر ڪئنالن خلاف اڃا بہ وڏي جدوجهد ڪرڻي پوندي. هنن چيو تہ سنڌي قوم کي مڪمل تباهہ ڪرڻ جون سازشون قبول ناهن ڪئنالن جو ڪم بند ٿيڻ گهرجي.

بقايا 02

پبلڪ اسڪول ۾ هڪ ڏينهن جو سائنسي ميلو لڳايو ويو جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران پنجاهہ کان وڌيڪ اسٽال قائم ڪري اتي سائنسي ماڊل رکيا ويا هيا جيڪي ڏسندڙن جي دلچسپي جو مرڪز رهيا . سائنسي ميلي جو افتتاح پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سيد محرم علي شاهہ لکياري .اسڪول جي پرنسپال شوڪت سومرو ۽ ٻين گڏجي ڪيو جڏهن تہ سائنسي ميلي ۾ تعليمي ماهر استاد غلام شبير ميمڻ خيرپور صحافي اتحاد جي چيئرمين غلام حسين چانگ .ايڊووڪيٽ علينواز سهتو . سنڌ ميمڻ اتحاد جي اڳواڻ ڪائونسلر ضمير حسين ميمڻ . عزيز ميمڻ .صحافي اڳواڻ شمن راڄپر .عبدالجبار چانگ .سميت ٻين وڏي تعداد ۾ شهرين شرڪت ڪئي

بقايا 03

سيد قائم علي شاهہ ۽ ڊاڪٽر سيدا نفيسا شاهہ خيرپور واسين لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي تفريح لاءِ خوبصورت پارڪ معياري اسپتالون تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪاليجز ۽ يونيورسٽيون ڏيئي عوام جي دلين تي راڄ ڪيو آهي وڏيرو خالق ڏنو نوناري وڌيڪ چيو تہ خيرپور شهر ۾ روڊ رستا صفائي جا انتظام بهتر بڻائڻ کانپوءِ ٻين منصوبن تي بہ ڪم ڪيو پيو وڃي پ پ هڪ جمهوري سوچ رکندڙ پارٽي آهي،جنهن ۾ ننڍي وڏي ڪارڪنن جي هڪ جيتري عزت آهي.

بقايا 04

مارڪيٽ کان اسٽيل ٽائون مين گيٽ آڏو قومي شاهراهہ تي احتجاجي ڌرڻو ڌرڻي سبب ڪراچي کي ٺٽي سان ملائيندڙ قومي شاهراهہ مڪمل طور تي بلاڪ. گاڏين جون قطارون لڳي ويون. ڌرڻي جي اڳوائي اڪبر ناريجو، امجد زرداري، سليم گل، اڪبر ميمڻ، عاصم ڀٽي، عبدالله ميمڻ، ڏني بخش سمون ۽ ٻين ڪئي. اڳواڻن ڌرڻي کي خطاب ڪندي چيو تہ اسٽيل مل انتظاميہ اسان کي نوڪرين مان برطرف ڪري اسان جي خاندان کي فاقہ ڪشي تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان اسٽيل ملز مان پورهيتن جون برطرفيون ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪيون وينديون

بقايا 05

ڪري ڇڏيو زخمي نياڻي کي سنڌس وارث ويڪسين ڪرائڻ لاءِ بيسڪ هيلٿ يونٽ نئون ڳوٺ کٽي ڀٽا پر اسپتال ۾ موجود عملي ڪين چيو تہ ڇتي ڪتي جي چڪ کان بچاءَ جي ويڪسين موجود ناهي ۽ متاثر نياڻي کي بنا اعلاج واپس ڪري ڇڏيو ان موقعي تي نينگري جي والد عبدالغني چانڊيو ٻڌايو تہ سرڪاري اسپتال ۾ سهولتون ميسر ناهن ڊاڪٽر سميت عملو غائب آهي پرائيويٽ ماڻهون اسپتال هلائي رهيا آهن جن چيو ٻار کي ميهڙ اسپتال کڻي وڃو

بقايا 06

سکر ۾ ورڪرز ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو. ڪنوينشن جي خاص مهمانن ۾ مسلم ليگ (ن) صوبائي صدر بشير احمد ميمڻ هو. جڏهن تہ ٻين مهمانن ۾ صوبائي اڳوان جو چوڻ هو تہ ن ليگ هميشہ ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ ڪم ڪيو آهي ۽ ڪندي رهي پئي. ڪنوينشن ۽ اجلاس کي خطاب ڪندي ن ليگ ضلعي سکر جي صدر خورشيد ميرائي سيني شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ واعدو ڪيو تہ ن ليگ نہ رڳو سکر ضلعن ۾ پر انشاءَ الله سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ بہ وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ۽ منظم ٿيندي ۽ ڪارڪنن جو اهو جذبو هميشہ قائم رهندو.

بقايا 07

فوت ٿيل سينيئر صحافي تشڪيل سنديلو جو مڙهہ اباڻي ڳوٺ حڪير سنديلو ۾ جنازي نماز کانپوءِ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. جڏهن تہ سندس وارثن حادثي جي اڻ ڌري جاچ جو مطالبو ڪيو آهي. تشڪيل سنديلو جو مڙهہ سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو. جڏهن تہ سندس پونيرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي. درگاهہ ڏيرو شريف جي گادي نشين پير فضل الله، صحافين عبدالوحيد ابڙو، زبير زوار منگي، قاضي آفتاب احمد، عبدالهادي ڀنگر، عبدالمجيد اوڍائو ۽ ٻين تڏي تي پهچي مرحوم صحافي تشڪيل جي پائرن فرمان علي، صدام حسين سنديلو، وڏيري واجد علي، امجد حسين، نزاڪت علي، راڄا سنديلو، ثاقب علي، اطهر سنديلو ۽ ٻين سان تعزيت جو اظهار ڪيو.

بقايا 08

ڊي سي ، ڊي ايڇ او ۽ ٽائون آفيسر کي ڄامشورو شهر جي تباهي جو ذميوار قرار ڏئي ڇڏيو آهي ۽ چيو آهي تہ هن وقت ضلعي جا سڀ انتظام ۽ فنڊ ڊي سي وٽ آهن پر هو عوامي ڪم ڪرڻ بجاءِ چند ماڻهن کي نوازي رهيو آهي. ڊي ايڇ او ڄامشورو ۽ ٽائون آفيسر بہ عوامي ڪم ڪرڻ بجاءِ ڊي سي وڏيرن، سياستدانن وٽ حاضري ڀرن ٿا. ان موقعي تي رهواسين جو وڌيڪ چوڻ هو تہ ٽي او پاران شهر جي صفائي نہ ڪرائڻ ۽ ڊي ايڇ او پاران مڇر مار ڦوهارو نہ ڪرائڻ جي ڪري خطرناڪ بيماريون عام ٿيڻ لڳيون آهن مڇرن جص آزار کان رهواسين کي بچايو وڃي

بقايا 09

ڪيل اسٽيم ايگزيبيشن جي صوبائي سطح تي ٿيل مقابلن ۾ لاڙڪاڻي شهر جي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري لوئر سيڪنڊري اسڪول ڪرمان با غ جي شاگرديائين فلوٽ دي بوٽ جو سائنسي ماڊل ناهي پوري صوبي مان ٻين پوزيشن حاصل ڪئي آهي. صوبائي سطح جي مقابلن ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائين بختاور اعوان، عليشبا پٽو، حميره سومرو جي مان ۾ ڊائريڪٽر سيڪنڊري اينڊ هائير سيڪنڊري ايجوڪيشن لاڙڪاڻو سيد صفدر علي شاهہ طرفان پنهنجي آفيس ۾ تقريب ڪوٺائي وئي.

بقايا 10

ضلعي ۾ کاڌي پيتي جون شيون وڪرو ڪندڙ اسٽالن هوٽلن منائي جي دڪانن ۽ بيڪرين ۾ صفائي جا انتهائي ناقص انتظام سامهون اچي ويا آهن جنهن سبب شهري بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ لڳا آهن. صحت سان لاڳاپيل ادارن جي بي ڌياني سبب غير معياري کاڌي جو وڪرو بنا ڪنهن خوف جي جاري آهي شهر جي مختلف علائقن ۾ قائم ٻيڙين منائي جي دڪانن ۽ هوٽلن تي صفائي جا انتظام انتهائي خراب آهن. کاڌو کليل رکڻ چوهڙن ۽ مکيون لڳڻ پراڻي تيل جو استعمال۽غير معياري اجزاءَ جو استعمال عام ٿي ويو آهي جيڪو شهري صحت لاءِ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو شهرين جو چوڻ آهي تہ ڪيترائي ڀيرا صحت کاتي ۽ انتظاميا کي شڪايتون ڏنيون ويون پر ڪو بہ اثر نہ ٿيو ڪجهہ بيڪرين ۽ هوٽلن تي اڳ بہ ڪارروائي ڪئي وئي،شهرين مطالبو ڪيو آهي تہ فوڊ اٿارٽي صحت کاتو ۽ ضلعي انتظاميا فوري طور تي ڪارروائي ڪري غير معياري کاڌو وڪرو ڪندڙن خلاف سخت قدم کنيا وڃن تہ جيئن عوام کي صحتمند خوراڪ مهيا ٿي سگهي.

بقايا 11

باقراڻي تعلقي جي مختلف ٽائون بقاپور، گيريلو، رشيد وگڻ ، حسن واهڻ ، يونيورسٽي ، شهيد الاهي بخش سيال ، هٽڙي غلام شاهہ ، باقراڻي ٿاڻي جي حدن باقراڻي شهر سميت مختلف شهرن ۽ ڳوٺن بقاپور ،راوت ابڙو ،مڏباهو ، گيريلو ، رشيد وگڻ ، پناهہ ، باقراڻي اسٽيشن ،خير محمد آريجا ، نئون آباد ، پراڻو آباد ، قلندر آباد ۽ ٻين علائقن ۾ چرس ، آفيم ، شراب ، آئيس ، هيروئن ۽ نشي وارين سپارين جو ڪاروبار عروج تي پهچي ويو آهي ، جنهن سبب نوجوان نسل تباهي ڪناري پهچي ويو ، جڏهن تہ باقراڻي تعلقي سميت آس پاس جي علائقي کان علاوه ٻين ضلعن توڙي صوبن مان درجنين منشيات جا عادي پهچي ويا آهن ، شهر توڙي آس پاس جي روڊ رستن تي منشيات جا عادي موالي نظر ايندا ، جنهن سان ثابت ٿئي ٿو تہ باقراڻي تعلقي ۾ قانون بدران منشيات ۽ سماجي برائين جي حڪمراني آهي .

بقايا 12

جي رهواسي ڀٽي، شيخ ۽ قلپوٽو برادري سان تعلق رکندڙ عورتن پنهنجي سڳي ڀاءُ امتياز ڀٽي ۽ والده نفيسہ راجپوت سميت آباد ٿاڻي جي پوليس جي مبينا ظلمن خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ۾ شامل عورتن جن ۾ فاطمہ عبدالحڪيم قلپوٽو سيما محمد اعجاز قلپوٽو سڪينہ منظور شيخ، فهميده الله بخش ۽ منير قلپوٽو شامل هيون، پوليس جي مبينا زيادتين خلاف شديد احتجاج ڪندي انصاف جي فراهمي جو مطالبو ڪيو مظاهرين دوران فاطمہ عبدالحڪيم قلپوٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ هن جو پنهنجي ڀاءُ امتياز ڀٽي سان ڪو واسطو نہ هو پر ان جي باوجود پوليس سندن گهر تي چڙهائي ڪري سندس ڏير حسن قلپوٽو ڏيراڻي نرما قلپوٽو ۽ محمد اعجاز قلپوٽو کي بنا جواز گرفتار ڪري ورتو هن وڌيڪ چيو تہ امتياز ڀٽي، جيڪو اڳ ئي چوري جي هڪ ڪيس ۾ پوليس جي حراست ۾ آهي، ڪوڙ ڳالهائي پوليس کي سندن خلاف ڪارروائي ڪرڻ تي مجبور ڪيو هن وڌيڪ الزام هنيو تہ آباد ٿاڻي جي پوليس بنا ڪنهن قانوني ڪارروائي جي سندن گهر جو تقدس پائمال ڪندي اندر داخل ٿي عورتن تي تشدد ڪيو مظاهرين وزيراعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي، آباد ٿاڻي جي ملوث اهلڪارن سميت امتياز ڀٽي ۽ ان جي پٽ ايوب ڀٽي کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ مغوي نياڻين کي آزاد ڪرائي متاثر خاندان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 13

ميرپور ساڪرو وڃي رهيا هئاسون تہ ليت اسٽاپ ويجهو هٿياربندن هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا جنهن جي رپورٽ ميرپور ساڪرو ٿاڻي تي داخل ڪرائي پر پوليس ڪنهن بہ قسم جي ڪابہ ڪارروائي نہ ڪئي انهن چيو تہ ميرپور ساڪرو ٿاڻي جي حد ۾ ڦرجون وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن انهن تڪ جي ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري، ايس ايس پي ٺٽو ڊي آئي جي حيدرآباد، آئي جي سنڌ ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان گهر ڪئي آهي تہ ڦورو گرفتار ڪري ڦر ٿيل موٽر سائيڪل موبائل فون ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي وڃي

بقايا 14

علي شاهہ ٽيپ بال ٽورنامنٽ پنهنجي پڇاڙي تي پهتو فائنل قبول شاهہ پٽ پايتي ڪٽي ورتو کاهي ۾ هلندڙ ٽورنامنٽ ۾ ميرپورخاص عمرڪوٽ ڀٽورو ڪپرو ۽ ڀرپاسي جي ڪل 60 ٽيمن حصو ورتو ٻن مهينن کان جاري ٽورنامنٽ جو اڄ فائنل ٿي گذريو فائنل جو ڏنگل قبول شاهہ پٽ پايتي ۽ سردار اليون کاهي وچ ۾ ٿيو ٽاس کٽي پهرين بيٽنگ ڪندي سردار اليون مقرر 9 اوورز ۾ 107 رنسون ٺاهي سگهي جواب ۾ قبول شاهہ آسانيءَ سان ڇهن اورز ۾ فائنل پنهنجي نالي ڪري ورتو فائنل ۾ خصوصي مهمان سيد ظفر شاهہ حاجي هاشم مري سيٺ پيسو مل حاجي مير محمد مري پاران انعام ۽ ڪيش پرايز ورهايا ويا جڏهن تہ ڪرڪيٽ جي شوقينن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 15

فيڊريشن پاڪستان جي اليڪشن ۾ مرڪزي ۽ سنڌ صوبن جا عهديدار چونڊيا ويا. ممتاز قانوندان ايڊووڪيٽ جمشيد احمد فيض پنجون پيرو صدر" سينئر مزدور اڳواڻ فقير لکمير مهر سيڪريٽري جنرل چونڊجي ويو ساڳئي وقت مزدور اڳواڻ موج علي سميجو سنڌ صوبي جو صدر ۽ مزدور اڳواڻ علي نواز عرباڻي، سنڌ جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو ايڊووڪيٽ عبيدالله لغاري کي ليگل ۽ قانوني سيڪريٽري چونڊيو ويو. مرڪزي اجلاس چيئرمين اليڪشن ڪاميٽي صالح محمد بگهيو جي نگرانيءَ ۾ جمشيد هائوس ميرپور ماٿيلو ۾ منعقد ڪيو ويو. اجلاس دوران تنظيم جي نئين مرڪزي ۽ صوبائي باڊيون جوڙيون ويون۽ ٻين کي ذميواريون سونپي ويون. ان موقعي تي وطن دوست مزدور فيڊريشن پاڪستان جي پنجين پيرو چونڊيل صدر وڪيل جمشيد احمد فيض ۽ ٻين اڳواڻن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ مان نهايت شڪرگذار آهيان اوهان سيني مزدور دوستن جو جن مون کي هڪ دفعو ٻيهر صدر چونڊيو آهي. مان پنهنجن نون چونڊيل عهديدارن کي دل سان مبارڪباد ڏيان ٿو ۽ ساڻ گڏ چيئرمين اليڪشن ڪاميٽي ۽ ٻين ارڪان کي بہ مبارڪباد پيش ڪريان ٿو جن منظم طريقي سان، شفاف ۽ قانون مطابق اليڪشن ڪرايا. آءِ او بي آءِ ۾ موجود اربين روپيا اوهان مزدورن جا آهن جيڪي مزدورن کي ملڻ گهرجن. وطن دوست مزدور فيڊريشن پاڪستان وفاق ۾ رجسٽرڊ تنظيم آهي. سنڌ ۽ پنجاب وانگر ملڪ جي سيني صوبن ۾ جلد ئي عهديدارن جا اليڪشن ڪرايا ويندا. پاڪستان ۾ رهندڙ سڀ مزدور پاڻ هڪ قوم آهن ۽ هڪ قوم بڻجي جدوجهد ڪندا. ڀلي اهي سنڌي، 'پنجابي'، بلوچ يا پختون چو نہ هجن. نئين چونڊيل باڊي، رمضان شريف کان پوءِ ملڪ جو دورو ڪري وطن دوست جي پليٽ فارم تان گڏجي مزدور دوستن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي. اسان سيني کي وطن دوست مزدور فيڊريشن جي آئين مطابق گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. اسان جي باني اڳواڻن، مرحوم عزيز عباسي ۽ مرحوم وڪيل شفيق قريشي جي مغفرت لاءِ دعا گهري وئي ۽ اڳواڻن پاران جلد ئي مرحوم عزيز عباسي ليبر ڪانفرنس منعقد ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو.

بقايا 16

تعلقا بار جي خزانچي ايڊووڪيٽ علي گل ڪورڪائي جي جنم ڏينهن جي موقعي تي بار قاضي احمد پاران سالگره جو ڪيڪ ڪٽيو ويو ان موقعي تي بار جي صدر ايڊووڪيٽ امتياز علي چانڊيو نائب صدر ايڊووڪيٽ منور علي راهو جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ اشتياق علي مهر ،لائبريري سيڪريٽري علي گوهر ٻگهيو ۽ ٻين ايڊووڪيٽ علي گل ڪورڪائي کي لنگيون اجرڪن گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون. ان موقعي تي ايڊووڪيٽ علي گل ڪورڪائي سيني جو شڪريو ادا ڪيو

بقايا 17

سگا آفيس ۾ منعقد ڪئي وئي، هن آجياڻي تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي جنهن جي سعادت حافظ اميد علي خاصخيلي حاصل ڪئي . هن تقريب جي صدارت سگا شاخ پاٽ شريف جي صدر گلزار ڪلهوڙو ڪئي . جڏهن تہ خاص مهمان خليفہ فدا حسين خاصخيلي. علامہ حافظ عبدالرزاق ملاح ۽ حافظ اميد علي خاصخيلي هئا. تقريب ۾ آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ پڻ اوڍايا ويا. تقريب ۾ سگا شاخ پاٽ شريف جي صدر گلزار ڪلهوڙو سيني آيل مهمانن کي آجياڻو ڏنو. تقريب جي ڪاروائي سگا شاخ پاٽ شريف جي نائب صدر شهاب الدين لانگاهہ هلائي . علامہ حافظ عبدالرزاق ملاح تقريب ۾ ڳالهائيندي چيو تہ سگا شاخ پاٽ شريف جا ساٿي جس لهڻن جن علمي ادبي ۽ سماجي سرگرمين سان گڏ دين جي خدمت ڪندڙ عالمن ۽ حافظن کي بہ مان بخشيو آهي. تقريب جي آخر ۾ نوجوان عالم دين مفتي سعيد احمد خاصخيلي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ مان سگا شاخ پاٽ شريف جي صدر گلزار ڪلهوڙو ۽ سنڌس سموري سٿ جو ٿورائتو آهيان جن منهنجي حوصلا افزائي ڪرڻ لاءِ هي شاندار تقريب منعقد ڪري مون کي اعزاز ڏنو آهي.

بقايا 18

سٽي سب ڊويزن ۾ امن و امان جي صورتحال بهتر آهي، ڏوهارين کي ڪنهن بہ صورت بخش نہ ڪيو سماجي برائين جي خاتمي لاءِ شهري نشاندگي ڪن. سندن نالو راز ۾ رکيو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار ڊي ايس پي سٽي فراز احمد ميٽلو پنهنجي آفيس ۾ شاهد نواز سيال جي اڳوائي ۾ صحافتي وفد سان ملاقات ڪندي ڪيو ڊي ايس پي سٽي فراز ميٽلو چيو تہ ڦر، ڌاڙن، چوري، قتل سميت سنگين نوعيت جي ڪيسن ۾ ملوث ڪيترن ئي جوابدارن کي گرفتار ڪري جيل موڪليو آهي ڏوهاري کي بخش ڪرڻ منهنجي فرض شامل ناهي، ڊي ايس پي سٽي فراز ميٽلو چيو تہ فرضن ۾ ڪوتاهي ڪندڙ اهلڪارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي، هن چيو تہ منشيات کان پاڪ معاشرو بنائڻ اولين ترجيحات ۾ شامل آهي.

بقايا 19

طلب ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، رمضان مهيني جي ڏينهن ۾ کجي جي طلب ۾ اضافو ٿيڻ سان گڏ کجي جي وڪرو ڪندڙن کجي جي قيمتون بہ وڌائي ڇڏيون آهن. کجي قدرت جو اهڙو تحفو آهي جنهن کي روزانو افطار وقت دسترخوان جي زينت بڻائڻ چاهي ٿو روزانو وڌندڙ قيمتن کي نظر نہ رکندي سنت نبوي کي کجي جي جوش سان زنده رکڻ لاءِ ڪارڪن جو استعمال ڪندا آهن. حڪومت کي خاص قدم کڻڻ جي ضرورت آهي، تہ جيئن روزي وارا ان تحفي کي افطار جي وقت دسترخوان جي زينت بڻائي سگهن.

بقايا 20

حضرت جنگ جليل جو ساليانو عرس مبارڪ جوٽن ڏينهن وارو ميلو پنهنجي پڇاڙي تي پهچي ويو آهي ميلي ۾ ٽن ڏينهن کان هلندڙ سنڌ جي ثقافتي راند ملاکڙو ۾ بين الصوبائي مقابلا ڪرايا ويا جنهن ۾ 80 کان وڌيڪ ملهل پهلوانن ملہ پنهنجي طاقت ۽ فن جو ڀرپور مظاهرو پڻ ڪيو پهرين جوڙ جي پهلوان گلاب چنو ۽ حنيف راهو وچ ۾ جوڙي جو مقابلو جنهن گلاب چنو حنيف راهو کي ٻئي ملهون ڦيرائي ڦيرائي زمين دسي ميلي جو مور ثابت ٿيو جڏهن تہ ٻئي جوڙ جي پهلوان احمد پاڳٽ ۽ پرويز ملاح وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن احمد پاڳٽ مخالف کي دسي خوب داد حاصل ڪيو. ٽئين جوڙ جي پهلوان عابد ڪوري ۽ بابر جمالي وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن ۾ بابر ڪوري مخالف کي دسي ورتو.

بقايا 21

ايسٽ ۾ صحافي علي محمد پتو جي مان ۾ ٿيل تقريب جي موقعي تي سندس سان رهاڻ ملهائي وئي صحافي علي محمد پتو سان رهاڻ ملهائڻ واري تقريب کي سياسي سماجي ادبين صحافين خطاب ڪندي پريس ڪلب ڊسٽرڪٽ ايسٽ جي صدر غوث ٻگهيو پ پ اڳواڻ طارق علي شاهہ جيلاني، غلام قمبر حاجاڻو جمن ٽنيو ،شفقت نوناري، وسيم پتو، ذاڪر کانڌڙو، اظهر آرائين، قاضي جميل احمد ۽ ٻين خطاب ڪندي سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍي سنڌ کي سڪائڻ واري سازش خلاف صحافين پاڻ ملهايو آهي.

بقايا 22

جي اسڪول گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول چوهڙ جمالي اسٽيم سائنسي مقابلي ۾ صوبي سطح تي ميدان ماري ورتو پهرين پوزيشن حاصل ڪرڻ تي اسڪول جي شاگردن اديب ميمڻ، شعبان ميمڻ ۽ گلزار ڪلمتي ان سان گڏ اسٽيم اسڪول فوڪل پرسن رضاعلي سنجراڻي ۽ شهاب ڪنڀار وزير تعليم سيد سردار شاهہ کان پهرين پوزيشن جو ايوارڊ ۽ ڪيش پرائيز وصول ڪيو. اسڪول جي هن سوپ ۾ اسٽيم اسڪول فوڪل پرسن رضاعلي سنجراڻي، شهاب ڪنڀار ۽ سلطان چانڊيو جون ڪاوشون شامل آهن. ايڪسپو سينٽر ڪراچي ۾ شاندار سائنسي تقريب سنڌ اسٽيم فيسٽول "سائنس اِن سنڌ" جي عنوان هيٺ ٿي گذري. جنهن جو افتتاح وزير تعليم سنڌ سيد سردار شاهہ ڪيو. تقريب ۾ سنڌ جي 30 ضلعن مان ڊويزن تي ٽاپ آيل سائنسي ماڊل پيش ڪيا ويا.

بقايا 23

مظفرآباد جي مختلف علائقن ۾ عوام کي پيئڻ جي صاف پاڻي پيور بلاڪ روڊ ۽ سيوريج سميت ٻين ترقياتي اسڪيمن جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي رهواسين پاران ٽائون چيئرمين نظير احمد پتو مٿان گلن جي ورکا ڪري سندس شاندار استقبال ڪيو ويو رهواسين پاران بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ تي ٽائون چيئرمين نظير احمد پتو جا ٿورا مڃيا . ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ۽ تقريب کي خطاب ڪندي ٽائون چيئرمين نظير احمد پتو چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي عوام جي خدمت ۾ يقين رکي ٿي عوام کي پيئڻ جو پاڻي سيوريج روڊ ۽ ٻيون بنيادي سهولتون ڏيئي اسان پنهنجو فرض ادا ڪيو آهي

بقايا 24

خاني ۾ پيل 31 هزار روڪ رقم هزارين روپين جون دوائون چوري ڪري فرار، دڪاندارن، ڪاروباري ماڻهن سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن شهري اتحاد جي صدر عبدالقادر ٻگهيو، دڪاندار ايسوسيئيشن جي صدر شفيق احمد چنو ميهر چنو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ احتجاجي مظاهرو،شهر ۾ شٽربند هڙتال ڪئي وئي. فريدآباد ڀرپاسي ۾ بدامني عروج تي پهچي وئي آهي چور هڪ هفتي اندر شهر جي دڪاندارن صدام بروهي، خان محمد گائينچو،محمد خان گائينچو سميت 5 کان وڌيڪ دڪانن جا تالا ۽ شٽر ٽوڙي لکين روپين جو سامان ٻهاري ويا شهر ۽ ڀرپاسي مان ٿيل چوري وارداتن ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري چوريون واپس ڪرائي امن امان بحال ڪرايو وڃي. مظاهرين

بقايا 25

ڪئي. ملاکڙي جي پهرين جوڙ ۾ ملهہ پهلوان محسن ڀهوڙ پهرين پوزيشن. سردار حسين ٻي پوزيشن حاصل ڪئي. ٻئي جوڙي جي مقابلن ۾ ملهہ پهلوان نزاڪت علي پهرين پوزيشن ۽ نواز حسين ٻي پوزيشن حاصل ڪئي. ٽئين جوڙ جي مقابلن ۾ ملهہ پهلوان ڪامران علي پهرين پوزيشن ۽ سرفراز حسين ٻي پوزيشن حاصل ڪئي.

بقايا 26

جي گهران سلسلي ۾ روهڙي جي علائقي پٽڻي ٿاڻي جي حد جي رهواسي سيد شاهنواز شاهہ ، سيد مدد علي شاهہ ۽ ٻين صحافين آڏو احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي تہ روهڙي باءِ پاس عسڪري سي اين جي جي سامهون سندن پيءُ سيد امام علي شاهہ جي ٻہ ايڪڙ تي ويسا زمين آهي جنهن تي بااثر بلڊر نجيب الله خان پناهہ قبضو ڪرڻ لاءِ پنهنجا ماڻهو ويهاري ڇڏيا آهن اهڙو معاملو عدالت ۾ بہ هلندڙ آهي گذريل رات دير سان نجيب الله پناهہ جي وائن شمن , عبدالله پناهہ , مومن ۽ ٻين اسان جي پلاٽ تي ويهاريل ماڻهن کي اٿاري سندن جهوپڙي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏي آهي هنن اعلي اختيارين کان اپيل آهي تہ معامري جو نوٽيس وٺي ڪين تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 27

ترافي 2025 جو ڪرڪيٽ فائينل ميچ اناج منڊي گرائونڊ نصيرآباد ۾ الشباز اليون ۽ شهنشاهہ اليون جي وچ ۾ ٿي گذريو شهنشاهہ اليون پاران ٽاس کٽي بيٽنگ جو فيصلو ڪيو. شهنشاهہ اليون جي پوري ٽيم مقرر ڏهن اوورن ۾ صرف 111 ٻارنهن رنسون ناهي سگهي جڏهن تہ الشهباز 112 رنسن جو مليل ٽارگيٽ اوپنرز لالا عابد بروهي ۽ آفاق احمد نوناري، جي شاندار بيٽنگ سبب صرف پنجن اوورن ۾ پورو ڪري ڏهن وڪيٽن سان فائنل پنهنجي نالي ڪري ورتو آفاق نوناري کي ففٽي اسڪور هڻڻ تي مين آف دي مئچ قرار ڏنو ويو. ٽائون ڪاميٽي نصيرآباد جي چيئرمين انجنيئر يوسف عزيز چنو ۽ ٻين مهمانن پاران کٽيندڙ ٽيم جي رانديگرن کي ڪيش انعام سميت ونر ٽرافي ۽ هارائيندڙ ٽيم کي رنر اپ ٽرافي ڏني وئي. نصيرآباد جي رهاڪو لنڊن سٽيزن ڪرڪيٽر محمدسليم لوڌرو پاران ٻنهي ٽيمن جي رانديگرن کي سٺي راند جو مظاهرو ڪرڻ تي 15000 هزار روپيا ڪيش انعام پڻ ڏنو ويو

بقايا 28

اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي عورت سيما ڪوڪر پنهنجي معصوم ڌيئرن عليشبا، فاطمہ، فضا ۽ زويہ ڪوڪر سان گڏجي ڏانهيندي چيو تہ 12 سال اڳ ڏي وٽ عيوض منهنجي شادي ڍرامہ ڊائريڪٽر اسد علي ڪوڪر سان ٿي هئي جنهن مان مون کي ٽن نياڻين ۽ هڪ پٽ جي اولاد آهي. شادي بعد مڙس خرچ نہ ڏيندو هو جنهن ڪري مان ڪپڙا وڪرو ڪرڻ سان گڏ گهرن ۾ ڪپڙا ۽ ٿانوَ ڌوئي پنهنجي ٻارن جي ڪفالت ڪندا آهيان. هن الزام لڳايو تہ گهر جو خرچ گهرڻ تي مڙس اسد ڪوڪر جهيڙو ڪندو هو جنهن ڪجهہ ڏينهن اڳ گهر مان منهنجو ڏيڍ تولو سونا زيور کڻي وڪرو ڪري ڇڏيو پڇائو ڪرڻ تي هن ڌمڪي مون کي طلاق ڏيڻ جي ڌمڪي ڏني مڙس طلاق ڏيڻ کان پوءِ سونا زيور ۽ ٻيو سامان گهرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي.

بقايا 29

لڳايو تہ ڳوٺ ڪرم ٻوڪ پرسان اسان جي وڏن جي نالي سروي نمبر 593 ۾ 2 جريب مڇي جي ڪڏ ۽ سروي نمبر 594 ۾ 4 جريب زرعي زمين آهي جنهن تي ڳوٺ جي بااثرن نظير احمد ٻوڪ پنهنجي پائرن فهيم ٻوڪ، ولي محمد ٻوڪ ۽ فدا حسين ٻوڪ سان گڏجي گذريل ٻن سالن کان قبضو ڪيو آهي. ايس ايس پي کي اپيل ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي مڇي جي ڪڏ ۽ زرعي زمين تان قبضو ختم ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 30

۾ نامعلوم ڪار وارو ٽڪر هڻي سخت زخمي ڪيو هو جيڪو زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو هو ڪار ڊرائيور فرار ٿيڻ ڪامياب ٿي جوابدار ڊر ميڙ منت کڻي سکر ۾ فوتي پيرسن عبدالرحيم مهر جي وارثن وٽ ميڙ کڻي پهتا جن ۾ گادي نشين درگاهہ جرار ڀهوڙ عزيزالله ڀهوڙ، سومراڻي شريف جو گادي نشين عبدالله مهر، منصور خان مهر، حاجي مشتاق مهر، وڏيرو غلام حيدر ڀهوڙ غلام حسين ڀهوڙ، چوڌري محمد علي، طارق ڏهراج مهر، ميڙ کڻي فوتين پيرسن عبدالرحيم مهر جي وارثن ۽ سماجي اڳواڻ نور احمد مهر وٽ پهتا ميڙ کي مان ڏيندي جوابدار ڊر کي خون معاف ڪري ڇڏيو آخر ۾ دعا گهري ٻنهي ڌرين کي مان ڏيندي پاڪر کير ڪنڊ ڪري ڇڏيو

بقايا 31

والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن تہ پروفيسر ضمير حسين چانڊيو ڊاڪٽر ذوالفقار سومرو ايڊووڪيٽ اياز علي سهتو سينيئر صحافي مولابخش ٽيبو سائنسي ميلي جو افتتاح ڪيو هن سائنسي ميلي ۾ شاگردن توڙي شاگردياڻين پاران مختلف سائنسي پروجيڪٽ ناهيا ويا هيا جيڪي آيل ماڻهن جي نگاهن جو مرڪز رهيا ان موقعي تي نامور تعليمدان الطاف حسين سهتو ٻڌايو تہ ڪي-بي هائير سيڪنڊري اسڪول هميشہ جيان هن سال بہ سائنسي ميلو منعقد ڪيو آهي چاڪاڻ تہ هي سائنسي ميلا وقت جي اهم ضرورت آهن ۽ اهڙن سائنسي ميلن سان شاگردن جي تمام گهڻي حوصلا افزائي ٿئي ٿي هن وڌيڪ چيو تہ سائنسي ميلي سبب ٻارڙن ۾ ڇپيل لڪيل ٽيلينٽ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ مختلف تجربا سامهون آئيون ٿا جنهن سان تمام بهتر نتيجا سامهون ملن ٿا جڏهن تہ سائنسي ميلي ۾ آيل معززين چيو تہ اسڪول انتظاميہ جي ڪاوشن سان گڏو گڏ شاگردن جي محنتن جي جيتري بہ ساراهہ ڪجي گهٽ آهي

بقايا 32

جي مرمت نہ ٿيڻ خلاف هنگورجا جي سياسي سماجي اڳواڻن عزيز احمد سهتو - عزيز ميمڻ . عظيم سهتو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ لنڪ روڊ تي ڪريل پل وٽ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن پاران روڊس کاتي جي عملدارن خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي .احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ هنگورجا سينارجا لنڪ روڊ تي سماج مائينر جي پل گذريل ڏينهن ترڪ جي گذرڻ دوران ڌماڪي سان ڪري پئي هئي جنهن سبب ايندڙ ويندڙ گاڏين کي سخت تڪليف جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي هنن چيو تہ لنڪ روڊ جي حالت انتهائي خراب ٿي وئي آهي 10 سالن کان روڊ جي مرمت نہ ٿي سگهي آهي هنن مطالبو ڪيو آهي تہ فوري طور تي ڀڳل پل ۽ روڊ جي تعميرات ڪرائي علائقي جي عوام ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 33

لطيف پليجي چيو آهي تہ سنڌ حڪومت عوام کي دوکو ڏيڻ بدران ڪئنالن لاءِ صدر آصف زرداري جي منظوري جي مذمت ڪري ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ ڪئنالن خلاف قرارداد پاس ڪئي وڃي. ڪرپٽ پ پ وزير سنڌي ماڻهن کي گمراهہ ۽ بيوقوف بنائڻ لاءِ چون ٿا تہ ڪئنال نہ پيا ٺهن. ايوان صدر ۾ ويٺل آصف زرداري سنڌ دشمن ڪئنالن جي منظوري ڏني. ڪئنالن خلاف سنڌي ماڻهن جي تحريڪ تيز ٿي رهي آهي. سنڌ دشمن منصوبا بند ٿيڻ تائين جدوجهد جاري رهندي. اياز لطيف پليجي چيو تہ پيپلز پارٽي ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ ڪئنالن خلاف تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ عوام سان ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن. سنڌ جو عوام سجاڳ ٿي رهيو آهي. ڪنهن بہ دوکي ۾ نہ ايندو. اياز لطيف پليجي چيو تہ حڪمران اقتدار جي نشي ۾ آهن. انهن کي سنڌ جي عوام جو احتجاج نظر نٿو اچي. سنڌ دشمن ڪئنالن، ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ وسيلن جا سودا ملڪ لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيندا. پاڪستان عالمي طاقتن جي مفادن جي گهيري ۾ آهي. معاشي پاليسيون عوام دوست ناهن. آئي ايم ايف کي هدايتن تي روز نوان ٽيڪس مڙهي عوام جو معاشي قتل ڪيو پيو وڃي. صوبن ۾ ڀائيچاري، برابري، جمهوري روايتون قائم رکڻ بدران ٽڪراءَ واريون پاليسيون ملڪ دشمن ثابت ٿينديون.

بقايا 34

سامهون زرعي دوائن جي دوڪاندار فهد ڪليري جي 2022 هنڊا سي ڊي 70 موٽر سائيڪل نامعلوم چور ڪاهي فرار ٿي ويا.

بقايا 35

نيشنل پريس ڪلب سڄاول ڀهتو ۽ نيشنل پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن کي لنگيون پارائي مبارڪباد ڏني.ان موقعي تي ضلعي بار ايسوسيئيشن سڄاول جي صدر سجاد خواجا، جنرل سيڪريٽري آفتاب حسني، سينيئر وڪيل قادر بخش خاصخيلي، اياز احمد خواجہ، صوفي سلطان ڪوسا، پرديپ ڪمار، شعيب احمد ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن سڄاول جي صدر سڄاول خواجا ۽ نيشنل پريس ڪلب سڄاول جي صدر حافظ سعدالله ميمڻ ۽ ٻين چيو تہ سڄاول ۾ عدالتي عمارتن ۾ سهولتن جي کوٽ آهي. عمارتن ۾ ملاقاتين لاءِ انتظار گاهہ نہ آهن. پيئڻ جو پاڻي ۽ ليڊيز واش رومز جون سهولتون نہ آهن.

بقايا 36

خالد محمود سومرو چيو آهي تہ دارالعلوم اکوڙه ختڪ ۾ ٿيل ڌماڪو افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو آهي. جنهن سانحي جي اسين سخت مذمت ڪيون ٿا. الله تعاليٰ شهيدن جي درجات بلند فرمائي ۽ زخمين کي صحت عطا ڪري. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ هنن چيو تہ ڌماڪي ۾ ڪيترن ئي ماڻهن جي شهادتن جي خبرن سان دل رت جا ڳوڙها ڳاڙهي رهي آهي. جامعہ دارالعلوم حقانيہ جهڙي علمي مرڪز تي دهشتگردن جي حملي سان دل زخمي ٿيو آهي.

بقايا 37

پوليس حوالي ڪري ڇڏيو متاثرن جو احتجاج، جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪري چوري ٿيل سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو خبرموجب سرحد جي ڳوٺ عبدالمجيد مهر جي رهواسين سرحد پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي ڳوٺاڻن غلام مرتضيٰ، بختيار ۽ پهلوان مهر ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو تہ گذريل رات اسان جي بيڪو مشين ۽ سولر پليٽون رات جي اونداهي ۾ نامعلوم چور کڻي ويا. هنن وڌيڪ چيو تہ واقعو پيش اچڻ بعد اسان کوجي ڪتا گهرائي چورن جا نشان ڳولي رهيا هئاسين تہ پيرا شفقت مهر جي گهر ۾ لڳا. جنهن تي اسان ڳوٺاڻن گڏجي شفقت مهر کي شڪ جي بنياد تي پڪڙي سرحد پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي. احتجاج ڪندڙن پوليس کان مطالبو ڪيو تہ واقعي جي غير جانبدار جاچ ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ اسان جو چوري ٿيل سامان واپس ڏياريو وڃي.

بقايا 38

شطرنج راند جي شاندار پڇاڙي واري تقريب پڇاڙي تي پهتي. تقريب ۾ مهمان خاص سنڌ جي راندين وارو سيڪريٽري عبدالعَليم لاشاري، راندين وارو ڊائريڪٽر امداد علي ابڙو، چيف انجنيئر محمد اسلم مهر، ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر فريد علي ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. ڪراچي اوپن شطرنج راند کٽيندڙن ۾ سنڌ جي راندين واري سيڪريٽري عبدالعليم لاشاري ٽرافيون، نقد انعام، گولڊ ميڊل ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا. راندين واري کاتي جي ترجمان موجب ڪراچي اوپن شطرنج جي ٽن مختلف ڪيٽيگريز ۾ سينئر ڪيٽيگري، انڊر 12، انڊر 18 ۾ 400 مرد ۽ عورت رانديگرن حصو ورتو جنهن ۾ پهرين ڪيٽيگري کي 50 هزار، ٻي ڪيٽيگري کي 30 هزار ۽ ٽئين پوزيشن وارن کي 20 هزار نقد انعام ۽ ٽرافيون ڏنيون ويون. جڏهن تہ انڊر 12 ڪيٽيگري ۾ پهرين پوزيشن عيسيٰ حسين، ٻي پوزيشن فراس هاشمي ۽ ٽئين پوزيشن سيده حفصہ جمالي حاصل ڪئي. ترجمان جو چوڻ هو تہ انڊر 18 ڪيٽيگري ۾ پهرين پوزيشن محمد صارم حسن، ٻي پوزيشن محمد انس، جڏهن تہ ٽئين پوزيشن مهرٿ شڪيل کٽي ترافي ۽ نقد انعام پنهنجي نالي ڪيو ان کان علاوه، سينئر ڪيٽيگري ۾ واحد حسين، ٻي عزيز فاروقي ۽ ٽئين حاجي شمس الدين حاصل ڪري ترافيون ۽ نقد انعام کٽيا. سنڌ جي راندين واري کاتي جي ترجمان جو چوڻ هو تہ انڊر 8 ڪيٽيگري ۾ ٽئين پوزيشن عارش فرزان، ٻي مارٿ فرزان ۽ پهرين پوزيشن تحريز سرمد، جڏهن تہ انڊر 10 ۾ ريا منگي پهرين پوزيشن، سيد مصطفيٰ ٻي ۽ مزمل فاروقي ٽئين پوزيشن حاصل ڪئي.

بقايا 39

۽ قرباني جو ڇيلو ڪاهي فرار ٿي ويا ،جنهن جي خبر پوڻ تي پاڳين پاران مقامي پيري جي مدد سان چوري جا پيرا کنيا ويا جيڪي ڳوٺ کان ٻن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي پوراڻي روڊ وٽ غائب ٿي ويا جڏهن تہ متاثر ڳوٺاڻي غلام فريد پنهور ميڊياوارن کي ٻڌايو تہ مان غريب مسڪين ماڻهو آهيان منهنجي ڪنهن سان بہ ڪا دشمني ناهي

بقايا 40

ڪالهہ هڪ وزير ڊبل ڊيڪر جو اعلان ڪري رهيو هو پهرين اها وزير سنگل بس تہ هلائي ڏيکاري،ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي حافظ نعيم چيو تہ هو هڪ ٻئي خلاف بيان ڏئي ڊرامي بازي ڪري رهيا آهن،هي اهي ماڻهو آهن جن کي عوام رد ڪري چڪو آهي، انهن کي پهريان ايم اين اي ۽ هاڻي وزارتون ڏنيون وينديون، هن چيو تہ پارليامينٽ جعلي آهي، هي فيڪ آهي ۽ ان تي بہ پيڪا لڳندو، هن چيو تہ ايم ڪيو ايم ۽ پيپلزپارٽي شهر جو بيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي، شهر جا منصوبا 10، 10 سالن ۾ مڪمل نہ ٿي سگهيا، شهر جو انفراسٽرڪچر تباهہ آهي، ڪي 4، ايس 3 نہ ٺهي رهيا آهن، 3 حڪومتون تبديل ٿي ويون، گرين لائين اڃا مڪمل ناهي ٿي سگهي،امير جماعت اسلامي چيو تہ شهر جي عوام کي ڊمپر ۽ ٽينڪرز ذريعي نشانو بڻايو پيو وڃي، ڪالهہ هڪ وزير ڊبل ڊيڪر بس جو اعلان ڪري رهيو هو حافظ نعيم الرحمان اعلان ڪيو تہ جماعت اسلامي رمضان کانپوءِ ملين مارچ ڪندي.

بقايا 41

مقرر، تفصيل موجب زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي رجسٽرار جي صحيح سان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن مطابق وائس چانسلر زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام سينئر پروفيسر ۽ چيئرمين ڊپارٽمينٽ آف فارم پاور اينڊ مشينري ڊاڪٽر علي رضا شاهہ بخاري کي خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچرل اينڊ مينيجمينٽ سائنسز جو پرنسپال مقرر ڪري ڇڏيو آهي جتان پروفيسر ڊاڪٽر ڄام غلام مرتضيٰ سهتو کي رليو ڪيو ويو آهي.

بقايا 42

ماسترن سان گڏجاڻي اسڪولن جي تعمير تي تفصيلي ويچار تعمير ٿيندڙ اسڪولن ۾ سڀ بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وينديون اياز حسين ميتلو منصور علي ايشين بئنڪ عيوضي خبرموجب ايشين بئنڪ جي سهڪار سان تعلقي ڪوٽڏيجي اندر اربين روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ 58 هاءِ پرائمري بوائز ۽ گرلز پرائمري اسڪولن جي تعمير جي سلسلي ۾ گهرجن جي پورائي لاءِ ايشين بئنڪ جي عيوضين اياز حسين ميتلو ۽ منصورعلي پاران ٽي اي او سيڪنڊري محمد رمضان مهراڻي ٽي اي او پرائمري محمد جمن مهراڻي ٽي اي او گرلز الاهي بخش خاصخيلي ۽ تعمير ٿيندڙ اسڪولن جي هيڊ ماسترن ۽ هيڊ مسٽريس سان گڏجاڻي ڪئي گڏجاڻي ۾ اسڪولن جي تعمير بابت هيڊ ماسترن کي تفصيلي طور آگاهہ ڪيو ويو ان موقعي تي ايشين بئنڪ جي عيوضين ٻڌايو تہ اسڪول جي تعمير مڪمل ٿيڻ بعد ڪين فرنيچر سولر پلانٽ سميت سڀ بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وينديون ان سلسلي ۾ هيڊ ماستر ۽ ڪميونٽي جو بہ تعاون گهربل هوندو گڏجاڻي کي ٽي اي او محمد رمضان مهراڻي ٽي اي او محمد جمن مهراڻي هيڊ ماستر راحب علي جوڻو ب خطاب ڪيو ٽي اي اوز ۽ هيڊ ماسترن ايشين بئنڪ جي عيوضين کي مڪمل سهڪار جي خاطري ڪرائي

بقايا 43

۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪيون وينديون ۽ ان سلسلي ۾ ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب جي هدايتن تي عملدرآمد ڪندي سڄي شهر خاص طور تي مسجدن مدرسن ۽ عبادت گاهن جي آسپاس پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون سموريون شڪايتون ختم ڪيون ويون آهن هن شهرين کي يقين ڏياريندي چيو تہ رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني ۾ پاڻي جي وڌندڙ گهرج کي نظر ۾ رکندي پاڻي جي مسلسل فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو

بقايا 44

دوران عام واهپي جي شيون، سبزي، گوشت، چانور، اٽي سميت ٻين روزاني استعمال واري شين جا سرڪاري اگهہ مقرر ڪري ڇڏيا. ان ڏس ۾ ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاهہ جي صدارت هيٺ اجلاس ڊي سي آفيس خيرپور جي سچل سرمست هال ۾ ٿيو اجلاس ۾ اي سين بيورو آف سپلائي، تاجران، گوشت، کير، مڇي ۽ ٻين شين جي واپارين سميت مارڪيٽ ڪاميٽي جي سيڪريٽرين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ گڏيل طور عام واهپي جي شين جا اگهہ مقرر ڪيا ويا. جنهن اٽو ايڪس مل 90 رپيا في ڪلو اٽو فائن ريٽيل 100 رپيا ڪلو سوجي 110 رپيا ڪلو ميدو 110 رپيا ڪلو چپاتي 10 رپيا (75 گرام)، نان (130 گرام) 15 رپيا، مينهن جو (وڏو) گوشت بنا هڏي وارو 950 رپيا ڪلو گوشت هڏي وارو 850 رپيا ڪلو ٽنڊڙو ڇيلي وارو گوشت 1600 رپيا ڪلو ٽنڊڙو گوشت ٻڪري وارو 1200 رپيا ڪلو ڏنيرا مڇي 2.5 ڪلو واري 750 رپيا ڪلو ڏنيرا مڇي 2 ڪلو کان 2.5 ڪلو 680 رپيا ڪلو ڏنيرا مڇي 1 کان 2 ڪلو واري 600 رپيا ڪلو ڏنيرا مڇي 1 ڪلو واري 500 رپيا ڪلو سپر ڪرنل بناسپتي اولڊ پنجاب 260 رپيا ڪلو ڪرنل بناسپتي اولڊ سنڌ 240 رپيا ڪلو ٽتل چانور بناسپتي پنجاب 160 رپيا ڪلو ڪائنات سيلا چانور پنجاب 1 نمبر 300 رپيا ڪلو اسٽيم چانور 320 رپيا ڪلو سپر ايري چانور 110 رپيا ڪلو ڪائنات سيلا پنجاب 2 نمبر 270 رپيا ڪلو بناسپتي ٽتل پنجاب 120 رپيا ڪلو کير تازو 210 رپيا ڪلو ڏهي 220 رپيا ڪلو ۾ وڪرو ٿيندو.

بقايا 45

ڌماڪي ۾ شهيد ٿيل جمعيت علماءِ اسلام (س) جي سربراهہ مولانا حامدالحق سميت ٻين جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي رپورٽ موجب جمعيت علماءِ اسلام (س) جي سربراهہ مولانا حامدالحق جي جنازي نماز ۾ افغان قونصلر سميت شهرين جو وڏو انگ دارالعلوم حقانيہ اکوڙه پهتو مولانا حامدالحق جي جنازي نماز سندس پٽ مولانا صاحبزاده عبدالحق ثاني پڙهائي، انهي موقعي تي دارالعلوم حقانيہ اکوڙه ۾ سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا. دارالعلوم حقانيہ جي چوڌاري پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي هئي جڏهن تہ دارالعلوم ۾ داخلي دروازن تي اسڪينرز لڳايا ويا هئا. جنازي نماز ۾ شرڪت جي لاءِ هزارين جي تعداد ۾ ماڻهو پهتا، جڏهن تہ مين روڊ کي ٽريفڪ جي لاءِ بند ڪيو ويو هو. مولانا حامدالحق جي جنازي نماز ۾ افغان قونصلر جنرل محب الله شاڪر بہ شرڪت ڪئي. اڳوڻي گورنر غلام علي، اڳوڻو جماعت اسلامي جو امير سراج الحق ۽ سينيٽر مشتاق احمد بہ شريڪ ٿيا. انهي کان علاوه جنازي نماز ۾ صوبائي اسيمبلي ميمبرن بہ شرڪت ڪئي. دارالعلوم حقانيہ اکوڙه ختڪ ڌماڪي ۾ صوابي سان تعلق رکندڙ 2 شهيدن جي جنازي نماز بہ ادا ڪئي وئي. شهيد عبدالوحيد جي جنازي نماز ان جي ڳوٺ زيده جڏهن تہ شهيد شاعر ۽ اديب تجمل شاهہ عرف تجمل فرحان جي جنازي نماز ان جي ڳوٺ جلسني ۾ ادا ڪئي وئي.

بقايا 46

ميرپور ماٿيلو مان وڌيڪ 4 هندو گهر سنڌ جنم ڀومي ڇڏي آلين اکين سان ڀارت روانا ٿي ويا سنڌ کي هميشہ لاءِ الوداع ڪندي رنجيت ڪمار پيشم ٻجاج سنيل ڪمار ديپڪ گنديال لڙڪ وهائي ڇڏيا. تفصيل موجب سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني جي ڪري جتي هر ماڻهو پريشان آهي اتي هندو برادري بہ گهڻي متاثر ٿي رهي آهي جنهن ڪري گذريل ٻن سالن جنم ڀومي ڇڏي ٻين ملڪن طرف لڏڻ جو رجحان وڌي ويو آهي . تنهڪري ميرپور ماٿيلو مان وڌيڪ 04 هندو گهر هميشہ لاءِ سنڌ جي جنم ڀومي ڇڏي لڙڪ هاريندي آلين اکين سان ڀارت روانا ٿي ويا جنهن ۾ رنجيت ڪمار پيشم ٻجاج سنيل ڪمار ديپڪ گنديال ۽ سندن زالون ٻار شامل آهن.

بقايا 47

حد ڳوٺ مانڪ جي واند ۾ جتوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان هٿياربندن رستي ويندڙ مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا. گولين لڳڻ جي نتيجي ۾ اربيلو پٽ سرور جتوئي ۽ حڪيم پٽ وڏايو جتوئي گولين لڳڻ سبب قتل ٿي ويا، قتل ٿي ويلن جا لاش واقعي واري هنڌ پيل اهن جڏهن تہ پوليس واقعي واري هنڌ نہ پهتي آهي، علائقي واسين موجب جتوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو هلندڙ هيو جنهن تان هي واقعو پيش ايو آهي. پوليس موقف ڏيندي ٻڌايو تہ واقعو پراڻي دشمني تان پيش ايو آهي.

بقايا 48

ملڪ پاران ضلعي اندر امن امان جي صورتحال تي ڪمپرومائيز نہ ڪرڻ ۽ ڏوهارين خلاف ڪارروائيون تيز ڪرڻ کان پوءِ ضلعي مان ڏوهاري سرگرمين توڙي منشيات فروشي ۾ ملوث عناصرن کي ايس ايس پي سنگهار ملڪ پاران ڏوهن جي دنيا کي ڇڏي ويندڙن رليف ڏيڻ واري اعلان کانپوءِ ان مان متاثر ٿي ڳوٺ چٽل شاهہ واسي نبن شاهہ عرف ساگر شاهہ منشيات فروشي ۽ ڏوهن جي دنيا کي الوداع ڪري ڇڏيو آهي جنهن ميڊيا اڳيان پاڪ ڪتاب کڻي چيو آهي تہ ڏوهن جي دنيا ۾ ڦاسي ويو هيس جتان آزادي نہ پئي ملي پر جڏهن کان ايس ايس پي سنگهار ملڪ اعلان ڪيو تہ پوءِ اهو سوچي سمجهي فيصلو ڪيو آهي تہ ڏوهن جي دنيا ۾ ڪجهہ بہ ناهي رکيو ان ڪري ڏلالپ واري زندگيءَ کي الوداع ڪري شرافت واري زندگيءَ جي شروعات جو اعلان ڪريان ٿو هن چيو تہ آءٌ ايس ايس پي سنگهار ملڪ کي اپيل ٿو ڪريان تہ جيڪي پوليس پاران ڪوڙي مقابلي جا ڪيس ڪيا ويا آهن انهن ۾ رليف ڏنو وڃي.

بقايا ----------- 01

جي ڳوناٺي 100 مستحق ماڻهن ۾ بينظير ڀٽو انڪم سپورٽ پروگرام تحت سولر هوم سسٽم ورهايا ويا. هن تقريب ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ توانائي کاتي واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ شرڪت ڪئي ان موقعي تي شرجيل انعام ميمڻ ناصرشاهہ کي اهن جي ڪوششن تي مبارڪباد پيش ڪندي چيو تہ اڄ اسان پنهنجن وعدن مطابق سولر هوم سسٽم جي ورهاست کي يقيني بڻايو آهي. هن وڌيڪ چيو تہ سنڌ ۾ اڳ ۾ بہ سکر ۽ شهيد بينظير آباد ۾ اهڙا پروگرام منعقد ڪيا ويا آهن. جنهن تحت بہ لک گهرن کي سولر سسٽم فراهم ڪيا پيا وڃن ۽ ٻئي مرحلي ۾ سنڌ جي وڌيڪ اڍائي لک گهرن کي جون 2025 کان اڳ سولر سسٽم فراهم ڪيا ويندا.

بقايا ----------- 02

برابر رهيو آهي. اهڙي خيالن جو اظهار هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان جي چيئرمين اسد اقبال ڪراچي پريس ڪلب ۾ ڊاڪٽر توصيف احمد ۽ڊاڪٽر عرفان عزيزجي ڪتاب "انساني حقن جو ارتقا ۽ تصورات" جي تقريب رونمائي جي صدارت ڪندي ڪيو. تقريب کي خطاب ڪندي دانشور ۽ صحافي سهيل سانگي، سينيٽر مسرور احمد، دانشور ۽ ماهر تعليم جعفر احمد، زيبسٽ جي ڊاڪٽر رياض شيخ، سماجي اڳواڻ مهناز رحمان، ورڪرز ايجوڪيشن اينڊ رسرچ آرگنائيزيشن ويرو جي مير ذوالفقار ڪتاب تي روشني وڌي. مقررين خطاب ڪندي چيو تہ پاڪستان جو انساني حقن جي عالمي فهرست ۾ 32 هون نمبر آهي جتي رياستي مشينري ۽ عدالتون اميرن جي حق ۾ ڪم ڪن ٿيون. اتي هي ڪتاب دلچسپي رکڻ وارن پڙهندڙن لاءِ هڪ اهم ۽ جامع دستاويز آهي.

بقايا ----------- 03

شهرن ۾ مظاهرا ڪيا ويا. تفصيلي خبر مطابق جيئي سنڌ قومي پارٽي پاران سنڌو نديءَ تي ڪئنالن، ڊيمن ٺاهڻ ۽ سنڌ جي زمينن جي والار خلاف سجاول، بدين، جهوڪ ۽ جاتي چوڻڪ ۾ مظاهرا ڪيا ويا آهن. جنهن موجب سجاول ۾ قادر بخش زئور ۽ وقار ميراڻي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرو نيشنل بئنڪ چونڪ کان شروع ٿي مين پارڪ اسٽاپ تي پهتو. مظاهري دوران ڪئنالن، ڊيمن ۽ گرين انيشيٽو جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن تي قبضي خلاف نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي قادر بخش زئور، وقار ميراڻي ۽ ٻين چيو تہ سنڌ جي زمينن ۽ درياهہ تي قبضو ڪرڻ نہ ڏينداسين.

بقايا ----------- 04

ڪيس سامهون آيو آهي، جتي ورلڳ ڳوٺ محمد علي چانڊيو ۾ معصوم ٻار رضوان پٽ الهڏنو چانڊيو ۾ پوليو وائرس جي تصديق ٿي آهي.

بقايا ----------- 05

بعد روڊ کوليو ويو. خبر موجب. متياري لڳ سيڪات ٿاڻي جي حد ڳوٺ قاسم ماڇي جي ڪوسا برادري پاران قومي شاهراهہ بلاڪ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جمال ڪوسو . ڪامل ڪوسو ۽ عبدالجبار ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ عورتن ۽ ٻارڙن سميت اڌ ڪلاڪ تائين آخوند پيٽرول پمپ وٽ قومي شاهراهہ بند ڪري ڇڏي.

بقايا ----------- 06

ميانداد چانڊيو واسي پيرسن ملان غلام حسين ميرواڻي چانڊيو وارهہ جي حمل ٿاڻي جي حد ڳوٺ خير محمد ٻرڙو ۾ جوابدارن هٿان حملي ۾ قتل. سنلس پٽ خادم حسين معجزانہ طور محفوظ. تڪرار ۾ 5 ڄڻا قتل ٿي چڪا، چڪتاڻ تين خبر موجب چانڊيا برادري ۾ خوني تڪرار جو مک ڪردار ميهڙ پرسان ڳوٺ ميانداد چانڊيو واسي پيرسن ملان غلام حسين ميرواڻي چانڊيو وارهہ جي حمل ٿاڻي جي حد ڳوٺ خير محمد ٻرڙو ۾ جوابدارن هٿان حملي ۾ پلاند ۾ قتل ٿي ويو ، سنلس پٽ خادم حسين چانڊيو معجزانہ طور محفوظ رهيو.

بقايا ----------- 07

ڊاڪٽر شاهنواز قتل ڪيس ۾ اهم فيصلو ٻڌائيندي، ايس ايڇ او خلاف ڪارروائي جو حڪم ڏئي ڇڏيو. ميرپور خاص جي جڊيشل مئجسٽريٽ ڊاڪٽر شاهنواز تي پوليس مقابلي ۽ هٿيارن جي برآمدگي بابت داخل ڪيل ايف آءِ آر خارج ڪري ڇڏي. عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو تہ ايس ايڇ او طرفان داخل ڪيل ايف آءِ آر ڪوڙي هئي. جنهن سبب اڳوڻي ايس ايڇ او سنڌڙي نياز ڪوسو خلاف ڪيس داخل ڪيو وڃي. ياد رهي تہ ڊاڪٽر شاهنواز کي گذريل سال 19 سيپٽمبر تي هڪ جعلي پوليس مقابلي ۾ قتل ڪيو ويو هو.

بقايا ----------- 08

خان جتوئي جي آزادي جي خوشي ۾ دادو ۾ جتوئي برادري جي ماڻهن پاران ريلي ڪڍي مٺايون تقسيم ڪيون. اڳواڻن حاجي غلام مصطفيٰ جتوئي، غلام سرور جتوئي، عبدالوقار جتوئي، گلزار جتوئي، مختيار علي جتوئي ۽ ٻين چيو تہ جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي ايشيا جو زميندار آهي پاڪستان پيپلزپارٽي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڪين هيسائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي آهي، هنن مطالبو ڪيو تہ غلام مرتضيٰ جتوئي ۽ انهن جي سائين مٿان داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن

بقايا ----------- 09

تنيو جو معذور پٽ گذريل هڪ هفتي کان لاپتا ، ڪافي ڳولا باوجود سنلس ڪو بہ ڏس پتو نہ پئجي سگهيو . صحافي پاران معذور پٽ جي ڳولا لاءِ مدد جي اپيل . خبر موجب : باقراڻي جي سينيئر صحافي ۽ پريس ڪلب باقراڻي جي سرپرست اعلي محمد عالم تنيو جو 30 ورهين جو معذور پٽ محمد سليم تنيو گذريل هڪ هفتي کان لاپتا آهي

بقايا ----------- 10

ٻوڏ متاثرن جا حڪومتي اعلان باوجود گهر تعمير ناهن ٿي سگهيا ميهڙ ۾ گهر جي تعمير لاءِ آيل رقم جي قسط مان ڪٽوتي ۽ مبينا رشوت گهرڻ تي هڪ اين جي او جي انچارج ۽ عملي خلاف ٻوڏ متاثرن ۽ ايس يو پي پاران سڪندر سوڍر حبيب الله ڏيرو احساق سوڍو عبدالمجيد سوڍر امجد سولنگي ذوهيب جتوئي فتاح چنو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ اين جي او انچارج جو پتلو کڻي باءِ پاس روڊ کان 3 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪندي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو.

بقايا ----------- 11

هوائن جو سلسلو سپاٽي ملڪ جي مغربي علائقن تي اثر انداز ٿئي سگهي ٿو جنهن جي تحت 2 مارچ جي رات کان 3 مارچ جي صبح تائين سنڌ جي ڪجهہ هنڌن تي ڪڻوڻ سان برسات جو امڪان آهي.

بقايا ----------- 12

ريلي ڪڍي جنهن استادن شاگردن شهرين شرڪت ڪئي بي اي او سيڪنڊري ايجوڪيشن پروفيسر عبدالسميع پنهور سڳا مرڪزي اڳواڻ مرور سنڌي، غلام جعفر ڏاٺوري، عبدالرحيم سيال، استاد سرور تنيو جي اڳواڻي ۾ نڪتل ريلي سنڌي ٻولي قومي ٻولي.جا نعرا هنيا ويا

بقايا ----------- 13

ڪيل ٻن پٽن سميت 3 ڄڻن کي آزاديءَ نہ ڪرڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو. ان موقعي تي پيرسن اعتبار علي چانڊيو پنهنجي پيرسن گهر واري شاهل خاتون ۽ ڌيءَ ثمينہ چانڊيو سان گڏجي ڌانهينڌي الزام لڳايو تہ گذريل رات هڪ وڳي ڌاري سچل ٿاڻي جي پوليس بيگناهہ گهر ۾ گهڙي موٽرسائيڪل سونا زيور، هڪ موبائيل فون. ڪپڙا، رليون ۽ ٻيو گهرو سامان کڻي منهنجي ٻن پٽن اعظر چانڊيو محمد علي چانڊيو ۽ 16 ورهين جي پوٽي منور چانڊيو کي کڻي گم ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا ----------- 14

راڻا هميرسنگهہ طرفان شو مندر تي سنڌ حڪومت جي مينارٽي ڊپارٽمينٽ کان منظور ڪرايل راجپوت پنبارا ستسنگ هال جو افتتاح، شهرين هندو برادري جي سوين معززين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، شاندار استقبال، خبرموجب پ پ ايم پي اي راڻا هميرسنگهہ سوڍو طرفان سنڌ حڪومت جي مينارٽي کاتي کان منظور ڪرايل نئين راجپوت پنبارا ستسنگ هال جو افتتاح ڪيو ويو ۽ راڻا هميرسنگهہ ٻن ڏينهن جي ميلي جي انتظامن جو پڻ جائزو ورتو ويو ۽ ضلعي انتظاميہ جي ڪوششن جي ساراهہ ڪئي افتتاح دوران پ پ ايم پي اي راڻا هميرسنگهہ سوڍو چيو تہ سنڌ حڪومت هميشہ عوام جي فلاح لاءِ ڪم ڪندي پئي اچي

بقايا ----------- 15

جو چوڻ آهي تہ پوليس هن مهل تائين جاچ جي حتمي رپورٽ، شاهدن جا بيان، فرانزڪ پراسس سميت ٻيون شيون جمع ناهن ڪرايون. گذريل ڏينهن پوليس چيف بہ ان ڳالهہ جو خدشو ظاهر ڪيو تہ منيشات ۾ ڪجهہ پوليس آفيسرن جا نالا اچي رهيا آهن. پ پ اڳواڻ قادر پٽيل بہ اهو الزام لڳايو تہ جاچ ڪرڻ ۾ جوابدار جو مائٽ بہ شامل آهي.

بقايا ----------- 16

ملڪي خزاني تي بار ۽ عوام جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ برابر قرار ڏيندي چيو آهي تہ وزير خزانہ جي مطابق هر پاڪستاني 3 لک 2 هزار رپين جو مقروض آهي، جڏهن تہ وزيراعظم ڪشتو کڻي سڄي دنيا ۾ گهمي رهيو آهي ۽ قرض تي وڌيڪ سود جي ادائيگين ۽ شرح مبادلہ ۾ گهٽتائي جي اثر کان پوءِ قرض 62.9 ارب کان وڌي 72.3 ارب تائين پهچي ويو آهي. ان باوجود وزيرن، صلاحڪار ن توڙي خاص معاونن جي فوج جو ڪابينا ۾ حد کان وڌيڪ هجڻ آئين ۽ انصاف جي ابتڙ آهي. هن هڪ بيان ۾ چيو تہ ڪو بہ ملڪ ۽ قوم قرضن ۽ ٻن سان نہ پر ڪفالت شعاري، خودداري، امانت ۽ ديانت ۽ پنهنجي پيرن تي بيهڻ سان ترقي ڪري سگهي ٿو.

بقايا ----------- 17

ايڪٽ تحت ڪيس داخل_ دادو بار جي ميمبر سينئر وڪيل فهيم گهلو پاران دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي تي پهچي لائير ويلفيئر اينڊ پروٽيڪشن ايڪٽ 2023 ۽ پيڪا ايڪٽ تحت ٻن جوابدارن آفتاب جمالي ۽ قادر چانڊيو خلاف ڪيس داخل ڪرايو، ڪيس ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ مخالفت ۾ ڪيس وڙهڻ تان مٿيان جوابدار سوشل ميڊيا تي نازيبا غير اخلاقي ٻولي جو استعمال ڪندي فريادي ڌر جو وڪيل ٿيڻ تان هٽ ڪٽائڻ چاهن ٿا

بقايا ----------- 18

اعلان ڪيو آهي تہ رمضان المبارڪ دوران ڏهہ لک کان وڌيڪ ماڻهن لاءِ افطار ڊنرجو بندوبست ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ روزانو ڪٽڻ ذريعي هڪ پلاٽ پڻ ڏنو ويندو.

بقايا ----------- 19

شهري کي تشدد جو نشانو بڻائيندڙ 5 جوابدارن جو جسماني رمانڊ منظور ڪيو ويو. پوليس موجب، جوابدار شاهہ زين مري جا گارڊ آهن. جن 19 فيبروري جي رات هڪ شهري جي گاڏي کي پهريان ٽڪر هنيو ۽ پوءِ گاڏي مان لهي ڪيس هٿيارن جي زور تي تشدد جو نشانو بڻايو

بقايا ----------- 20

سخت ردعمل جو اظهار ڪيو آهي. مولانا فضل الرحمان مديني مان حافظ سلمان الحق سان رابطو ڪري حافظ سلمان الحق سان تعزيت ڪئي ۽ واقعي جا تفصيل معلوم ڪيا. پنهنجي هڪ بيان ۾ مولانا فضل الرحمان چيو تہ دارالعلوم حقانيہ تي حملي ۽ مولانا حامد الحق سميت شهيدن جي ڏک جي خبر ٻڌي دل ڏکارو آهي. هن چيو تہ دارالعلوم حقانيہ ۽ مولانا حامد الحق تي حملو منهنجي گهر ۽ مدرسي تي حملو آهي. هن چيو تہ ظالمن انسانيت ، مسجد، مدرسي، جمعہ ۽ رمضان جي مهيني جي آمد جي حرمت کي پائمال ڪيو هن چيو تہ دهشتگردي ۽ بدامني سماج لاءِ عذاب بڻجي چڪي آهي. هن چيو تہ نہ رياست نظر اچي ٿي نہ حڪومت نظر اچي ٿي.

بقايا ----------- 21

صوف 219 جي بجاءِ 350 روپيہ في ڪلو، زيتون 138 جي بجاءِ 200 روپيہ في ڪلو وڪرو ڪيو پيو وڃي. مارڪيٽ جون قيمتون ڪمشنر طرفان جاري ڪيل قيمتن جي فهرست کان ڪافي مختلف نظر اچي رهيون آهن. پٽاٽن جي قيمت ڪمشنر جي لسٽ ۾ 92 روپيہ آهي، جڏهن تہ دوڪاندار 70 روپيہ ڪلو وڪرو ڪري رهيا آهن.

بقايا ----------- 22

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان ملاقات لاءِ وائيٽ هائوس پهتو جتي ڪيس سخت رويو برداشت ڪرڻو پيو. ملاقات دوران ٽرمپ زيلنسڪي کي چيو تہ آمريڪا يوڪرين تي 350 ارب ڊالر خرچ ڪيا آهن. تنهن ڪري توهان کي اهو ٻڌائڻ جو حق ناهي تہ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي. ان موقعي تي آمريڪي صحافين بہ زيلنسڪي کان سخت سوال پڇيا. هڪ صحافي سوال ڪيو تہ هن مناسب سوٽ ڇو نہ پهريو؟ جنهن تي زيلنسڪي وراڻيو تہ هو سوٽ تڏهن پهريندو جڏهن روس_يوڪرين جنگ ختم ٿيندي.

بقايا ----------- 23

استحڪام جو اعتراف ڪندي 20 ارب ڊالر جي ترقياتي قرض تي ٻڌل ڪنٽري پارٽنر شپ فريم ورڪ(سي پي ايف) جي تحت 10 سالہ معاهدي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. عالمي بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ناجي بن بيسن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ۾ جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي تہ پاڪستان ۾ معاشي استحڪام مضبوط ٿي رهيو آهي، انهي بنياد تي عالمي بينڪ گروپ پاڪستان سان ڀائيواري کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن چيو تہ ڪنٽري پارٽنر شپ فريم ورڪ 2026 کان شروع ٿيندو ۽ اهو پاڪستان جي ترقي ۾ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو. هن چيو تہ انهي پروگرام جي تحت فراهم ڪيل 20 ارب ڊالرجي فنڊنگ کي صاف توانائي، ماحولياتي بحالي ۽ ٻين ترقياتي منصوبن ۾ استعمال ڪيو ويندو.

بقايا ----------- 24

تقرير ۾ حڪومت جي اهم معاشي قدمن جا نتيجا بيان. اجلاس جي صدارت قومي اسيمبلي جو اسپيڪر ڪندو. جڏهن تہ عسڪري قيادت، گورنرن، چئني صوبن جي وڏن وزيرن ۽ صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪرن کي بہ شرڪت جي دعوت ڏني ويندي.

بقايا ----------- 25

رمضان رليف پيڪيج 2025 جاري ڪري ڇڏيو . رمضان رليف پيڪيج جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو تہ هن پيڪيج مان 40 لک خاندانن ۽ 2 ڪروڙ ماڻهن کي فائدو پهچندو.سنلس چوڻ هو تہ 40 لک مستحق خاندانن کي ڊجيٽل والٽ ذريعي 5 هزار رپيا ڏنا ويندا. هن ٻڌايو تہ گذريل رمضان جي ڀيٽ ۾ هن ڀيري مهانگائي جي شرح ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي. وزيراعظم موجب، گذريل سال 7 ارب رپين جو رمضان پيڪيج هو، جيڪو هن ڀيري ٽيڻ تي وڌايو ويو آهي، هن ڀيري پيڪيج کي بلڪل آسان بڻايو ويو آهي، جنهن سبب ماڻهن ڏکين قطارن ۾ نہ بيهڻو پوندو. ان موقعي تي وفاقي وزير راڻا تنوير حسين ٻڌايو تہ رمضان پيڪيج کي 20 ڏينهن اندر حتمي شڪل ڏني وئي، اسٽيٽ بينڪ، نادرا، بي آءِ ايس پي ۽ ٻين ادارن گڏجي ناممڪن کي ممڪن بڻايو. پهريون ڀيرو 30 لک ڊجيٽل والٽس ناهيا ويا آهن. جن ذريعي رقم سڌي ريت مستحقن تائين پهچندي.

بقايا ----------- 26

تحفظ لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي، عدالت ايڊووڪيٽ جنرل ۽ پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا ۽ عدالت پوليس کي ڪين گرفتار ڪرڻ منع ڪرڻ سان گڏ ڌرين کان جواب طلب ڪندي 13 مارچ تائين ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي آهي. درخواستگذار زاهد ناريجو جي وڪيل چيو تہ لڪشمي ۽ لوڪمار پنهنجي مرضي سان شادي ڪئي آهي. ڇوڪري جا گهر وارا ڪين ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. لڪشمي پنهنجي بيان ۾ چيو تہ هن پنهنجي پسند جي شادي ڪئي آهي. ڪيس اغواءِ نہ ڪيو ويو آهي سنڌن جان کي خطرو آهي.

بقايا ----------- 27

ٽيم 179 رنس تي ڍير ٿي وئي. ڪراچي جي نيشنل اسٽيڊيم ۾ جاري ميچ ۾ انگلينڊ ٽاس کٽي پهريان بيٽنگ جو فيصلو ڪيو. انگلش ٽيم جي شروعات مايوس ڪندڙ رهي ۽ وقفي وقفي سان وڪيٽون ڪرنديون رهيون ۽ پوري ٽيم 179 رنسن تي آل آئوٽ ٿي وئي. انگلينڊ طرفان جوءِ روٽ 37 ۽ آرچر 25 رنسون ٺاهي نمايان رهيا. ڏکڻ آفريڪا جي يانسين ۽ ملڊر 3_3 جڏهن تہ مهاراج 2 وڪيٽون حاصل ڪيون. رن ريٽ جي بنياد تي ڏکڻ آفريڪا سيمي فائنل لاءِ ڪواليفاءِ ڪري ورتو. جڏهن تہ افغانستان جي ٽيم چيمپيئنز ٽرافي جي سيمي فائنل جي ڊوڙ مان ٻاهر ٿي وئي، ڀارت، نيوزيلينڊ، ڏکڻ آفريڪا ۽ آسٽريليا سيمي فائنل ۾ پهچي ويا، جڏهن تہ سيمي فائنل ۾ ڪهڙي ٽيم ڪنهن سان مقابلو ڪندي، ان جو فيصلو سڀاڻي ٿيندو.

بقايا ----------- 28

جوانن جي لڳاءِ بلند حوصلن ۽ جنگي تيارين کي ساراهيو. هن چيو تہ سخت ۽ اثرائتي تربيت ئي سپاهي جي پيشورانہ صلاحيتن جي واڌاري جو بنياد آهي ۽ جديد جنگي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪ فوج جي هي خاصيت اهم حيثيت رکي ٿي. آءِ ايس پي آر موجب، آرمي چيف سي ايم ايڇ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (سي آءِ ايم ايس) ، انووسٽا چولستان ۽ انٽيگريٽيڊ ڪمبيٽ سميوليٽر ايرينا جو افتتاح پڻ ڪيو. هن وڌيڪ چيو تہ هي جديد منصوبا طبي تعليم، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ جنگي تيارين کي بهتر بنائڻ لاءِ آندا ويا آهن.

بقايا ----------- 29

وزيرانڊر_18 قومي جونيئر شطرنج چيمپيئن مهڪ مقبول کي مقابلي جي دعوت ڏني هئي. مهڪ مقبول گلوڪار شهزاد راءِ جي زندگي ٽرسٽ جي ايس ايم بي فاطمہ جناح اسڪول جي شاگردياڻي آهي ۽ انڊر_18 ٽائيٽل کٽي قومي جونيئر چيمپيئن بڻجڻ جو اعزاز ماڻي چڪي آهي. شهزاد راءِ جو چوڻ هو تہ وڏي وزير طرفان مهڪ کي مقابلي جي دعوت ڏيڻ هڪ سٺو قدم آهي.

بقايا ----------- 30

جتوئي جي مختلف ڪيسن مان ضمانتون ٿيڻ بعد نارا جيل حيدرآباد مان آزاد ٿيڻ بعد حيدرآباد کان نوان جتوئي وينڊي قاضي احمد موڙ ۽ سمات سي اين سامهون ڊاڪٽر باغ علي جتوئي ميڊيڪل سينٽر پهتو تہ وڏي انگ ۾ اين پي پي .جي ڊي اي ڪارڪنن سياسي سماجي اڳواڻن ۽ سوين جتوئي برادري جي ماڻهن سنلس شاندار استقبال ڪندي مٿس گلن جي ورکا ڪئي.ان موقعي تي غلام مرتضي ا جتوئي ڳالهائيندي چيو تہ هي جمهوريت جي ڳالهہ ڪندڙ پاڻ جمهوريت تي يقين نٿا رکن. اها محترم بينظير ڀٽو هئي جيڪا جمهوريت تي يقين رکندي هئي.

سکر ميونسپل ڪارپوريشن

No.SMC/XEN/Works/-815 of 2025 Sukkur DATED: 26 - 02 - 2025

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ ڪانٽريڪٽر/ فرمز/ دلچسپي رکندڙ ماڻهن/ بااختيار ايجنٽ کان جن وٽ صحيح NTN، SRBرجسٽريشن ۽ قابل اطلاق PECڪارآمد سرٽيفڪيٽ مقرر ٿيل مالياتي لمٽس سان گڏ هجي، جنهن ۾ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي رول 2010 (ترميم ٿيل 2019) ۽ لاڳاپيل ڪمن جي بڊنگ دستاويزن ۾ اهليت جي معيار کي پورو ڪندو هجي کان مهر بند آڇون گهرائجن ٿيون.

شمار نمبر	ڪم جو نالو	لاڳت (ملين ۾)	سوڙي رقم	ٽينڊر في	مدو
1	يوسي –01 نوگز پير ۾ مختلف ڊايا جي واٽر سپلائي لائينن ۽ سيوريج لائنن جي وڇائي، نالن جي تعمير/ مرمت ۽ پيونگ بلاڪ سان گڏ گهٽين/ روڊن جي بحالي، ٽي ايم سي_I مڪي شاهہ سکر	10.00	5٪	3000 رپيا	36مهينا
2	يوسي –02 مير معصوم شاهہ ۾ مختلف ڊايا جي واٽر سپلائي لائينن ۽ سيوريج لائنن جي وڇائي، نالن جي تعمير/ مرمت ۽ پيونگ بلاڪ سان گڏ گهٽين/ روڊن جي بحالي ، ٽي ايم سي_I مڪي شاهہ سکر	10.00	5٪	3000 رپيا	36مهينا
3	يوسي –03 درگاهہ غازي بابا ۾ مختلف ڊايا جي واٽر سپلائي لائينن ۽ سيوريج لائنن جي وڇائي، نالن جي تعمير/ مرمت ۽ پيونگ بلاڪ سان گڏ گهٽين/ روڊن جي بحالي ، ٽي ايم سي_I مڪل شاهہ سکر	10.00	5٪	3000 رپيا	36مهينا
